More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن قاسم، برهمٹاباد جي فتح بعد مٿي اٽر ڀرف الور ڏانهن وڃي رهيو هو. انهيءَ رخ تي ٻڌ جي مندر جُو فقط هڪ نمايان نشان موجود آهي جنهن کي هن وقت "نل مير رکن" سڏجي ٿو، جو نوابشاهه ضلعي ۾ اسٽيشن دوڙ ۽ دولت پور جي وچ تي آهي. محڪمي آثار قديمه جي طرفان ڪيل تحقيق موجب "نل مير رکن" در حقيقت ٻڌ مت جي مندر جو نل (Stupa) آهي (ڈسو هيٿري ڪزنس، سنڌ جا آثار قديمه، ص ص ۹۸-۹۹). انهي نل کان اتر-اوير طرف تقريباً ٻن ميل جي پنڌ تي "ساوڙي" جو ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ اراضي ۾ قديم ديورن ۽ ڏينهن جا نشان اڄ ڏينهن تائين نمايان طور نظر اچن ٿا. انهن اهڃاڻن مان خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته فتحنامي واري "ساوندي" ساڳي اها موجوده "ساوڙي" آهي ۽ ٻئن مؤرخ بلاذري (فتوح البلدان، ص ۴۳۹) "ساوندي" جو تلفظ "ساوندري" ڪري لکيو آهي ۽ اهو اڃار ۾ موجوده نالي "ساوڙي" ۾ موجود آهي. ساوڙي جو ڳوٺ سنڌو ندي جي هڪ قديم ديوري جي ڪپ تي آهي ۽ انهيءَ ديوري جا نيشان ساوڙي جي ڳوٺ لڳ الهندي طرف اڄ تائين موجود آهن. مجمل التواريخ جي مصنف ٻڌ لکيو آهي ته قديم وقت ۾ ڪشمير جي راجا "ساونديء" جي شهر کي سنڌو ندي جي ڪناري تي ٻڌايو هو.

فتحنامي جو "وڪر بهار" يقيني طور "نل مير رکن" وارو قديم ٻڌ جو مندر آهي ۽ هن ٻڌ جي مندر جي وجود جي تصديق فتحنامي جي هيٺين وڌيڪ حوالن مان ٿئي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٿي ته "انهي پاسي جا سڀ ماڻهو، شمني ۽ ٻڌ وارا واپاري هئا" ۽ بواد نالي هڪ شمني کي محمد بن قاسم اتي جو مقامي سردار طور مقرر ڪيو هو (فتحنامو ص ٣٢١).

٣٢١/[٢١٩] خميس جو ڏينهن ٣- ماهه محرم سنه چورالوي: هيءَ تاريخ محمد بن قاسم جي برهمڻاباد سان منزل ڪٽي ساوندي طرف ڪوچ ڪرڻ جي آهي. هوڙي والا جي تحقيق موجب:

٣- محرم سنه ٩٣ هـ = آرتوار، ٩- آڪٽوبر ٧١٢ع

٣- محرم سنه ٩٥ هـ (رٽيت) = خميس، ٢٨- سپٽمبر ٧١٣ع

هاڻي جيڪڏهين فتحنامي جي عبارت ۾ ڏينهن صحيح ڄاڻايل آهي ته ٻوءِ سنه يقيني طور ٩٥ هـ ٿيندو. تاريخي تسلسل جي لحاظ سان ٻه ٣- محرم سنه ٩٥ هـ صحيح ٿيندو، ڇاڪاڻ ته محمد بن قاسم کي باقي اروڙ، سڪه ۽ ملتان وغيره جي فتوحات لاءِ اڃا ۾ ١٧ يا ١٨ مهينا بچن ٿا، جي ڪافي آهن. محمد بن قاسم کي خليفي وليد جي وفات (جمادي الاول سنه ٩٦ هـ) بعد ئي معزول ڪري واپس گهرايو ويو. (هوڙي والا، ص ٩٦)

٣٢١/[٢١٩] بديٽي [پٽ] يمن ديول: اسان متن ۾ هن صفحي جي حاشيه ۾ ڄاڻايو آهي ته م ن ب نسخن جي پڙهڻي "بديهي بمن ديول" آهي ۽ ر جي پڙهڻي "بدبهني بمن ديول." هوڙي والا (ص ٩٧) جي گمان ۾ هي نالو شايد "بدهي ورمن"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(Buddivarman) هجي، جاڪاڻ تہ اهو نالو قديم رکارڊ ۾ ملي ٿو ۽ ۴۴۰ع ڌاري گجرات جي چالو ڪيڪ گهراڻي جي هڪ راجا جو پڻ اهو نالو هو. ۱۰۸. هيءَ گمان، فتحنامي ۾ هن نالي جي ڏنل صورتخطيءَ مطابق پڻ قدري قربن قياس معلوم ٿئي ٿو: يعني ته "بدبهي بمن" = بدهي ورمن انهيءَ لحاظ سان هن نالي جي پڙهڻي "بُدْ بِيُورمن [پٽ] ديول" زياده موزون ٿيندي. (ن-ب)

۳۲۳ / [۲۲۰] سليمان بن نبهان ۽ [قبيلي] ڪنڊه جي آزاد ڪيل غلام ابوفضة القشيري کي سڏي.... قسم ڏيڻي، کين جنيد بن عمرو ۽ بني تميم منجهان جماعت سان محبت ڪرائي ڏني .... موڪلياڻين:

(۱) اول ته متين عبارت مان ظاهر آهي ته سليمان بن نبهان ۽ ابوفضة القشيري ٻن جدا شخصن جا نالا آهن. انهيءَ لحاظ سان ص ۲۵۶ / [۱۷۷] تي "نبهان ابوفضة قشيري" غالباً در اصل "(سليمان بن) نبهان (و) ابوفضة قشيري" هو، مگر ڪاتب جي سهو کان ڏنگين ۾ رکيل الفاظ اصل نسخي مان رهجي ويا ۽ ان بعد جملي قلمي نسخن ۾ اها غلطي رهجي وئي. ص ۲۵۶ تي "نبهان ابوفضة قشيري" جي درستي ڪري ان کي "سليمان بن نبهان ۽ ابوفضة قشيري" لکڻ گهرجي، جاڪاڻ ته يقيني طور چئي سگهجي ٿو ته دراصل اهي ٻه نالا آهن: قديم نسخي ۾ جي قرائة ۾ فعل جا صيغا جي "نبهان ابوفضة قشيري" ڏانهن ورن ٿا، سي جمع ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهن- مثلاً: مقابل شدند (سامهون ٿيا)؛ جنگ ٻيو ستند (جنگ جوايائون)، داهر فوجي ديگر در مقابل ايشان فرستاد (ڏاهر ٻي فوج سندن مقابلي ۾ موڪلي)؛ دفع كردند (كافرن جي فوج كي هٽايائون)؛ ومي كشتند (۽ پڻي ماريائون)؛ ۽ آخر ۾ زائد الفاظ "تا بلشكر گاه داهر آمدند."

(٢) ٻيو ته هن عبارت ۾ جا لفظي تصحيح ڪئي وئي آهي تنهن لاءِ متن ص ٣٢٣ جو حاشيه ٢- ڏسڻ گهرجي. هن تصحيح موجب هن عبارت جو مطلب هي ٿئي ٿو ته محمد بن قاسم پنهنجي لشكر جي ٻن گروهن جي وچ ۾ صلح ۽ محبت قائم كري كين گڏ ٻهوٽيءَ تي روانو كيو. اهي ٻ گروهه هي هٿا: (١) بنو قشير ۽ سندن سائي (يعني سليمان بن نبهان ۽ ابونخة قشيري وغيرهما)، ۽ (٢) بنو تميم ۽ سندن سائي (يعني جنيد بن عمرو وغيره). انهيءَ ڪري ۾ محبت ڪرائڻ لاءِ هيٺيان سبب هٿا:-

قديم زماني كان مُضرية ۽ يمانية نسلن جي قبيلن ۾ عصبيت ۽ رقابت هئي. اسلام جي ابتدا ۾ اهو باهمي ضد ۽ حسد سڄي اسلامي اخوت سبب تقريباً ختم ٿي ڇڪو هو مگر بنو اميه جي دؤر واري سياست وري انهيءَ نسلي رقابت كي زور وڌايو. ان وقت ازد ۽ تميم جي قبيلن ذريعي وري اهي قبائلي جهيڙا شروع ٿيا ۽ اهي ٻ قبيلا ۽ سندن حامي جن هكٻئي ۾ چاڊيا مگسي ٿي پيا. انهيءَ كري اموي سلطنت جي تقريباً هر علائقي ۾ انهن قبيلن ۽ سندن حامين جي وچ ۾ جهيڙا جهگڙا شروع ٿيا. مثلاً خراسان ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هر يماني ۽ ربيعي نسل جو شخص 'ازدي' سڏجڻ لڳو ۽ هر مضري نسل جو شخص 'تميمي' سڏجڻ لڳو (ڏسو ديوان فرزدق: پئرس ايڊيشن ص ٥٣ ۽ قاهره ايڊيشن ص ٧٦٩). هڪ طرف 'يماني - ربيعي - ازدي' گروهه ۽ ٻئي طرف 'مضري- تميمي' گروهه جي وچ ۾ ضد ۽ رقابت هر جاءِ موجود هئي. محمد بن قاسم جي فوج ۾ ٻنهن ٻنهي گروهن جا ماڻهو موجود هئا. بنو قشير وارا ربيعي هئا. چاڪاڻ ته هو بنو ڪعب بن ربيعة جي اولاد مان هئا (ڏسو ابن حزم، جمهرة ص ٢٧٢) ۽ انهيءَ ڪري بنو تميم سان سندن نسلي رقابت هئي. انهيءَ ڪري محمد بن قاسم هن موقعي تي جڏهين ٻنهي گروهن جي ماڻهن کي هڪ خاص ڊيوٽي تي روانو ٿي ڪيو ته ٻهريائين کين قسم ڏيئي ٻڌايائين ۽ صلح ڪرائي ٻوءِ روانو ڪيائين. (ن ـ ب)

٣٣٣/[٣٠٢] بهراور: محمد بن قاسم، ساوندري يعني ساوڙي مان کوڃ ڪري وڃي "بهراور" ۾ لٿو. جيئن ته محمد بن قاسم اروڙ طرف وڃي رهيو هو، "بهراور" جي تلاش ساوڙيءَ کان اڳ طرف ڪرڙ گهرجي. هن کان اڳ ڏٺو ويو آهي ته محمد بن قاسم برهمڻاباد ڏانهن ايندي 'جلوالي' جي ڊوري تي اچي منزل انداز ٿيو هو، ۽ ساوندريءَ ۾ ٻڌ وڪر بهار جي ڏنڊ تي اچي لٿو. انهيءَ مان گمان نڪري ٿو ته ٻاڻيءَ جي سهوليت جي لحاظ سان محمد بن قاسم جي فوج اڪثر درياءَ جي ڪڻڊ جو ڪنارو وٺي ٻڌي هلي. لهذا بالڪل قرين قياس آهي ته محمد بن قاسم ساوندري ڇڏڻ بعد مهران جي ڪنهن شاخ يا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڊوري جو ڪپ وڃي اتر طرف ڪوچ ڪيو هجي، انهيءَ قديم ڊوري جا نيشان هن ساوڙي کان اڳ طرف ڪارجائي، آمرجي، مسرجي وڃي، چيهي جي اولهه طرف، پريا ۽ هالاڻي بهلاڻي وٽان اڄا تائين ظاهر ٿيندا آهن.

انهيءَ قديم ڊوري جي رخ ۽ رستي جي لحاظ سان، "بهراور" مان "پريا" ۽ "بهلاڻي" جو گمان نڪري ٿو. بهلاڻي ڪافي پراڻي بستي آهي، ۽ جيڪا هالاڻي (= هالا قوم جي بستي) تي هالا قوم جو ويران ٿيل پيل آهي تنهن ممڪن آهي ته بهلاڻي (بلاڻي = پراڻي = پرياڻي) تي پريا قوم جي ويران اڳ ٿيل پيل هجي؛ انهيءَ گمان موجب بهلاڻي توڙي پريا، اهي ٻئي ٿيل پريا قوم جي بستيون ويران ٿيل ٿا ڀانئجن، ۽ پريا قوم به سهتن ۽ لاکن وانگر غالباً سنڌ جي هڪ آڪٿائي قوم هئي. ٿي سگهي ٿو ته "بهراور" (پراور = پريا) پريا قوم جي ڏاکڻي بستي هجي جا موجوده پريا شهر جي آسپاس هئي. سرزمين تي تلاش ۽ تحقيق ڪرڻ مان معلوم ٿيو ته اهو قديم ڊورو جنهن جا نيشان شهر پريا جي اوير طرفان موجود آهن. انهيءَ جي ڪناري تي قديم ڪنبرات موجود آهن. انهن ڪنبرات مان ڪافي عربي سڪا توڙي ٻيا قديم سڪا لڌا آهن جي محترم سيد امام علي شاهه، رئيس پريا، وٽ موجود آهن، ۽ انهن سڪن مان پڪي ثابتي ملي ٿي ته اهي قديم بستيون عرب دور کان اڳ توڙي عرب دور ۾ موجود هيون. ساڳيءَ طرح موجود بهلاڻي ۽ قديم ڪنبرات تي هڪل آهي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڀرانهيءَ ڪري ڪٿناڪي جو "بهراور" غالباً پرها جي لڳ هوء يا بيلائي وت هوء. والله اعلم بالصواب. (ن - ب)

٣٢٦/[٣٢١] هو (گوپي) چونڊو ٿي رهيو تہ راجا ڏاهر اڃا جيئرو آهي. الخ: متي ص ص ٢٨٦-٢٨٧ / [١٩٧-١٩٨:] ۾ بيان ٿي آيو آهي تہ گوپي کي ڏاهر جي موت جو اطلاع خود سندس پاءُ جيسينه گهٽو اڳ ڏيئي چڏيو هو. ظاهر آهي تہ گوپي هيءَ خبر ڄاڻي ڄڻي لڪائي رهيو هو، ۽ پنهنجي فوج توڙي عوام کي ڏاهر جي زندهه هئڻ ۽ مدد وٺي اچڻ جي اميد ڏياري، سندن دل مضبوط ڪري رهيو هو تہ من مقابلي لاءِ تيار ٿي ٻڌن. (ن - ب)

٣٢٣/[٣٢٦] ڪيس ۾ ڪنگڻ هٿا: يعني تہ اروڙ جي بتخاني ذوبهار ۾ رکيل مورتي کي ۾ سونا ڪنگڻ پيل هٿا. انهن آڳاڻن مندرن جي مورتين جي هٿن ۾ ڪنگڻ يا ڪنن ۾ واليون انهن مورتين جي قدامت جو نشان هيون، ۽ هڪ هزار ورهيه گذرڻ بعد مورتيءَ کي هڪ ڪنگڻ يا والي پارائي ويندي هئي. ابن خلڪان لکي ٿو تہ: "انهن والين جي مقصد، يعني تہ هڪ هزار ورهين بعد هڪ والي پهرائڻ، بابت اڪثر حوالا مان ٿا جي مورتين جي والين متعلق آهن. چون ٿا تہ محمود (غزنوي) سومنات جي بت تي ليهه، واليون پاتل ڏٺيون ۽ ڪيس ٻڌايو ويو تہ هر هڪ والي هڪ هزار ورهيه جي پوڄا جي نشاني آهي" وفيات الاعيان، ٢ × ٨٥). ابن خلڪان جي هن بيان مان گمان ڪري ٿو تہ محمد بن قاسم جي فتح وقت اروڙ جي بتخاني واري مورتي کي به ٻہ هزارن ڪان مٿي ورهيه گذري چڪا هئا. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣٤٣/[٣٣٣] ڪبير پيدر ۽ ڀيٽو: هوڙي والا جي گمان ۾ شايد اهي نالا دراصل "ڪاليڀدر" يا "ڪاليدر" (Kalibhadra or Kalaqhadra) ۽ "ڀيرَوَ" (Bhairav) هجن. (هوڙي والا، ص ٩٧)

٣٤٤/[٣٣٣] (جيسينه) هلندو وڃي جالهندر جي حد کان ڪشمير ۾ پهتو. انهيءَ بادشاهه جو نالو بلهرا هو، (۽) شاهه جي آستان (گاديءَ جو هنڌ؟) کي اسهه ڪسهه چوندا هئا، جتي هو وڃي رهيو، ڏان جو عمر بن عبدالعزيز رضه جي خلافت ٿي: جملي نسخن ۾ اصل فارسي عبارت مبهم ۽ منجهيل آهي ۽ غالباً ان ۾ ڪي الفاظ ڪٽل آهن ۽ ڪن لفظن جون اصل پڙهٽيون بگڙيل آهن. بهرحال، زير مطالع نسخن جي پڙهٽين موجب معنيٰ هتي اهائي ڏيندي جا متي ڏني وئي آهي. البت هيٺيان نڪات غور طلب آهن:-

(١) ل ۽ م جي پڙهٽي "ڪشمير" جي بدلي "ڪسّه" آهي؛ "ڪسّه" مان مراد "ڪشمير" ئي آهي جا ٻين باقي نسخن جي پڙهٽي آهي. هوڙي والا (ص ٩٨) لکي ٿو ته: "ڪسه جو ملڪ" مان مراد غالباً ڪشمير آهي، يعني ته "ڪسا" (Khasa) يا "ڪشا" (Khasha) ماڻهن جو ملڪ، جن جو ذڪر "راجترنجني" ۽ ٻين سنسڪرت ڪتابن ۾ ملي ٿو. انهن ماڻهن جي باري ۾ چيل آهي ته "اهي هير پنتسال" جبلن جي ڏکڻ - اولهه طرف جهلم ۽ لوهر ۽ ڪشتوار (Kishtwar) جي وچ واري ماڻهن ۾ رهندا هئا. انهن ڪي موجوده "ڪکا" (Khakha) قوم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مان مستخلص ڪري سگهي ٿو جنهن مان ، ڪشمير جي هيٺان ' وِتستا ' (Vitasta) ماڻي ۽ رهندڙ جملي انڊيا سردار ۽ مڪي ماڻهو آهن" بحوالي سر آرل سٽين، حاشيه راجترنجني، انگريزي ترجمو ، ڪتاب ـ ١ ، بيت ٣١٧). بقول سر جارج گريئرسن ، ڪسا (قوم جا ماڻهو) نه صرف ڪشمير ۽ آهن مگر ' ڪُمائون ' ۽ گهاروال ۾ پڻ موجود آهن . " آرياڻي زبان گالهائيندڙ جملي عوام جي همالين جي هيٺين پاڻي ۾ ، ڪشمير کان وڌي ، دار جيلنگ تائين ، رهن ٿا سي ' ڪسا ' نسل مان آهن." (Indian Antiguary, 1914, p .151).

(٢) ڪشمير جي بادشاهه جو نالو ' بلهرا ' به ڪافي منجهائيندڙ آهي. ضروري آهي ته ' بلهرا ' ڪشمير جي ڪنهن راجا جو ذاتي نالو نسليم ڪجي ۽ نه لقب؛ جو ته ' بلهرا ' دکن جي واجائن جو لقب هو ، جن جي گادي جو هنڌ ' مانکيڙ ' هو ، جنهن جي مسعودي وغيره عرب عالمن جي بيانن مان پوري تصديق ٿئي ٿي.

مگر موجوده تحقيق مطابق ان وقت ۾ ڪشمير جي ڪنهن به ' بلهرا ' نالي راجا جو پتو نٿو پوي. سنڌ ۾ محمد بن قاسم جي فتوحات جو سلسلو سنه ٧١٢ع کان شروع ٿئي ٿو. جيسينه تقريباً سنه ١٤ / ٧١٣ع ڌاري وڃي ڪشمير ۾ پناهه ورتي هوندي. مگر ان وقت ڪشمير ۾ ' ڪارڪوٽ ' (Karkota) گهراڻي جي حڪومت هئي. انهيءَ گهراڻي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو راجا جو ان وقت حڪمران هو، تنهن جو نالو 'لَلِتادِتيه مُڪتاپيڊ' هو، جنهن جي حڪومت جو عرصو اندازاً ٧١٣ع کان ٧٥٠ع تائين چيو وڃي ٿو. (ڏسو رڳي جي 'ڪهڙائن وار تاريخ'، ص ٧٢، بحوالي راجترنگڻي). ان راجا کان اڳ جي راجا جو نالو 'جَياپيڊ' چيو وڃي ٿو (بارنيٽ، ص ٦١). مگر جيئن ته ڪشمير جي انهن آکاڻن راجائن جي سلسلي توڙي سندن متن جي تحقيق اڃا پاڻ تڪميل تي نه پهتي آهي، انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو ته فتحنامي جو هي قديم حوالو نسبتاً صحيح هجي.

(٣) شاهه جي آستان کي اسه ڪسه چوندا هئا". فارسي متن ۾ اصل عبارت هن طرح آهي: "اسه ڪسه آستان شاه گفتندي." هن عبارت ۾ پڻ خلل آهي، ۽ معني صرف ظاهري الفاظ موجب ڪڍي وئي آهي. "اسه ڪسه" نالي ڪشمير جي گادي جو ڪنهن به ٻئي ماخذ مان پتو نٿو پوي. ١١ صدي جي شروع ۾ ڪشمير جي گادي "راجَوَري" هو، جيئن بيروني لکيو آهي (ڏسو سچي نوٽ ص ٥٠٠). پڻ بيروني چوي ٿو ته "بلور شاهه، شڪنان شاهه ۽ وخان شاهه ڪشمير جي اولهه طرف آهن" (ڪتاب الهند، عربي متن ص ١٠١، انگريزي ترجمو ٢ × ٢٠٦). ممڪن آهي ته "آستان شاه" به اهڙي طرح ملڪ جي ڪنهن پاڳي جو نالو هجي. هوڙي والا (ص ٩٨) جي خيال ۾، 'آستان شاه' شايد 'آدشتان شاه' جي بگڙيل صورت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، ڪشمير جي گاديءَ جو هنڌ "آدشتان" جي نالي سان سڏيو هو (بحوالي ايليٽ. ڊائوسن ١×٦٤) مگر پروفيسر سخاؤ جي وضاحت موجب "آدشتان" دراصل سنسڪرت لفظ "آڌشٺان" (Adhishthan) آهي، جنهن جي معني آهي "گاديءَ جو هنڌ يا مڪيه شهر" (ڏسو ترجمو ڪتاب الهند، ١×١٨١). اسان ترجمي ۾ پ انهيءَ لحاظ سان معني ڪئي آهي: آستان شاه= شاه جو آستان يعني شاهه جي گاديءَ جو هنڌ.

(٤) هت ڏنل بيان مان ظاهر آهي ته جيسينه سنڌ ڇڏي وڃي ڪشمير جي راجا وٽ پناهه ورتي ۽ ويندي حضرت عمر بن عبدالعزيز جي دؤر خلافت تائين اتي ڏي رهيو. مٿي ص ٢٩٥ / [٢٠٣] جيسينه جو علافي سان گڏجي سنڌ ڇڏڻ واري بيان مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته جن جيسينه چتور ۾ ترسي پيو ۽ علافي کانئس جدا ٿي ڪشمير ڏانهن روانو ٿيو. مگر هيٺ انهيءَ عبارت ۾ هڪ فقره آهي ته "پوء انان راجڻري طرف خط لکيائون." فعل "لکيائون" جي جمع واري صيغي سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪشمير ۾ علافي سان گڏ شايد جيسينه به شامل هو. پ-ڻ ص ٢٩٦ تي جملي قلمي نسخن مطابق عنوان هن ريت آهي "جيسينه جو ڪشمير جي راجا ڏانهن وڃڻ" حالانڪ انهيءَ عنوان هيٺ ڏنل بيان ۾ جيسينه نالو ڏنل ڪوهاڻي. اسان انهيءَ متني متن ص ٢٩٦ جي حاشيه - ١ ۾ جاڻايو آهي ته شايد هيٺ ڏنل بيان ۾ جيسينه جو نالو حذف ٿي ويو آهي. جڏن ته هن رهبر بحث صفحي جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبارت مان جيسينه جو ڪشمير وچ صاف ظاهر آهي، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ص ۲۹۶ واري عنوان هيٺ چاڻايل بيان ۾ ڪا غلطي آهي، جنهن سبب جيسينه جو نالو رهجي ويو آهي: مجموعي طرح سان فتحناميءَ جي هنن حوالن مان جيسينه جي ڪشمير وچ جي تائيد ٿئي ٿي. (ن. ب)

۳۴۵ / [۲۳۳] عمرو بن مسلم الباهلي: فتحناميءَ جي هن عبارت موجب عمرو بن مسلم الباهلي، حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ جي خلافت ۾ سنڌ جو گورنر هو ۽ ڪشمير طرف ملڪ فتح ڪيائين. مؤرخ بلاذري جي بيان مان پڻ هن حقيقت جي تائيد ٿئي ٿي. بلاذري (فتوح، ص ص ۴۴۲-۴۴۱) لکي ٿو تہ: "عمر بن مسلم الباهلي، عمر (بن عبدالعزيز رضہ) طرفان انهيءَ (سنڌ ۽ هند) محاذ جو گورنر هو ۽ هندوستان جي ڪن پاڳڻ تي حملا ڪري فتحون حاصل ڪيائين." (ن ـ ب)

۳۴۷ / [۲۳۵] تختگاه اروڙ - بغرور: يعني سنڌ جو تختگاهہ جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪري پنهنجي تصرف ۽ تابعداري هيٺ آندو. جيئن تہ ان وقت اروڙ سان گڏ ٻيو مشهور ٻيجهو شهر "بغرور" هو جنهن جو نظام، حڪومت جي گادي اروڙ سان وابسته هو (فتحنامو ص ۱۷۹) انهيءَ ڪري ٻنهي شهرن کي مجازاً تختگاهہ چاڻايو ويو آهي. هونءَ ۾ سنڌ ۾ شهرن جي ٻڌن نالن استعمال ڪرڻ جو رواج آهي مثلاً، هالاڻي - ٻهلاڻي، ڪمبٽ - ڪهڙا وغيرها. "بغرور" مان مراد بکر آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ متي نوٽ ص ۱۷۹ / [۱۲۵] ڏسڻ گهرجي. (ن. ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۳۴۸/[۲۳۵] ککسو پٽ چندر پٽ سيلائچ: نالو "ککسو" شايد اصل ۾ "ڪاڪُتْسْتھ" (Kakutstha) هجي، جو اهو نالو تقريباً ۷۴۰—۷۵۵ع ڌاري، قنوج جي پرتيهار گهراڻي جي راجائن ۾ ملي ٿو. راجا ڪاڪتسٿ، هن گهراڻي جي باني راجا ناگڀٽ بعد گادي تي ويٺو. (هوڙي والا ص ۹۸، بحوالي سمٿ ۽ ويدڀا)

۳۴۹/[۲۳۶] شعر: لاتَسْتَشِيرُ غَيْرَ نَدْبٍ ـ الخ: هي شعر ابو الفتح البُسْتي جي نوليه قصيده جو آهي جنهن جي شروعات آهي: "زيادة المرء في دنياه نقصان." التَّدْمِيرِي پنهنجي ڪتاب "حياة الحيوان" ۾ (ثعبان) جي مانڌڻ هي قصيدو نقل ڪيو آهي ۽ ان کي ابوالفتح بستي جوڙي ڪري چاڙايو آهي؛ وڌيڪ لکيو آهي ته "کي چون ٿا ته هي قصيدو امير المومنين راضي باللّٰه (عباسي خليفي) جو آهي" مگر اها روايت ضعيف آهي. "حياة الحيوان" ۾ ڏنل قصيدي جي هيءَ پندرهين مصرع آهي ۽ ان جي پڙهڻي "حازِمٍ يَقْظٍ" جي بدران "حازِمٍ قَطِنٍ" آهي.

شاعر ابوالحسن علي بن محمد البستي، جو ابو الفتح البستي جي نالي سان مشهور آهي، تنهن سنه ۴۰۰ يا ۴۰۱ هجري ۾ بخارا ۾ وفات ڪئي (ابن خلڪان ۱×۳۵۷). فتحنامو ان کان اڳ جي تصنيف آهي، انهيءَ ڪري هي شعر فارسي مترجم پنهنجي طرفان مثال طور ڏنو آهي. فتحنامي جي عبارت مان پڻ صاف ظاهر آهي ته نفس مضمون سان هن شعر جو ڪوبه تعلق ڪونهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١٥٣٥/٣٥٠ [٣٣٦-٣٧] سڪه ۽ ملتان : متن هنهي صفحن تي "سڪه ۽ ملتان" جي ترجمي جي اصل فارسي عبارت "سڪه ملتان" آهي، جا جملي نسخن جي متقدم پڙهڻي آهي. ترڪيب اضافي جي لحاظ سان "سڪه ملتان" جو ترجمو ٿيندو "ملتان جو سڪو" جنهن جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون: (١) "ملتان پرڳڻي جو شهر سڪو"؛ انهيءَ معني جو مثال موجوده وقت ۾ حيدرآباد سنڌ ۽ حيدرآباد دکن جي نالن ۾ موجود آهي. مگر اهڙو مثال عرب جغرافيه نويسن جي اصطلاحن ۾ ورلي نظر اچي ٿو. (٢) ٻي معني ٿيندي "شهر ملتان جو سڪو" يعني ملتان جي وڏي شهر جو هڪ جدا پاڻ جو بذات خود هڪ ننڍو شهر هجي، جنهن کي انگريزي ۾ Suburb چوندا. عربي جغرافيائي اصطلاح ۾ انهيءَ معني جا مثال همداني جي "كتاب البلدان" ۾ ملن ٿا. مثلاً "سكة اصطفانوس بالبصرة" (شهر بصره ۾ اصطفانوس جو سڪو)، "سكة البخاريه بالبصره" (شهر بصره ۾ البخاريه جو سڪو)، "سكه سامان بالري" (شهر ري ۾ سامان جو سڪو). غالباً ملتان ۾ سڪه به لاڳيتا شهر هنا ۽ هنهي جي وچان صرف راوي ندي وهندڙ هئي: سڪه، راوي ندي جي ڏاکڻي ڪناري (غالباً ڏکڻ ـ اولهه) تي هئي ۽ ملتان سامهون هئي طرف.

متن وضاحت سان معلوم ٿيندو ته "سڪه ملتان" جو ترجمو جيڪڏهين "ملتان جو سڪه" ڪجي ته به معني ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مونجهارو باقي رهندو. اسان آساني ۽ خاطر، ترجمي ۾ "سکه ۽ ملتان" رکيو آهي، جو حقيقت جي برعکس ناهي؛ ڇاڪاڻ ته سکه ۽ ملتان بهرحال ۾ جداگانه شهر هئا. اهو به ممڪن آهي ته شايد اصل فارسي عبارت ۾ "سکه و ملتان هجي ۽ وچ وارو واو - عطف کانپوءِ جي سهو سبب حذف ٿي ويو هجي. مؤرخ بلاذري جي وقت ۾ (سنه ٢٥٦ هـ) سکه جو شهر ويران ٿي ويو هو (ڏسو فتوح البلدان ص ٤٤٩). (ن - ب)

٣٥٤/[٢٢٩] ست هزار درم تور چاندي تقسيم ڪئي. هرهڪ سوار کي خاص طرح چار سوَ درم تور چاندي ملي: غالباً مراد آهي ته ڪن خاص سوارن جن وڏي همت ۽ بهادري ڏيکاري هئي تن ۾ اها چاندي تقسيم ڪئي وئي؛ ورنه سمجهو ته محمد بن قاسم جي فوج ۾ جملي ١٥٠- سوار هئا، ۽ اهو تعداد تمام گهٽ هڻڻ سبب قرين قياس نظر نٿو اچي. (ن - ب)

٣٥٥/[٢٢٩] راجا جوڀن: هوڙي والا جي خيال ۾ هي نالو 'جنيديو' (يعني سمديو Samdadeva) هڻڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هيٺين بيان موجب هن ٿي سوني بت وارو مندر ٺهرايو هو:-

'سامب' جو جامبوَتي جي ڏيءَ جامبوَتي مان ڪرشن جو پٽ هو، تنهن کي، آسور گهراڻي جي راجا 'بان' جي شڪست بعد، ملتان جو راجا مقرر ڪيو ويو. جامبوَتي، ڪرشن کي پنهنجي ڏيءَ سان گڏ 'سيمنتڪ' مڻ (هڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيرو يا طاسمي پٿر) پيٽا طور ڏنو هو "جو روزانو اٺ بهارون (Bhars) سون جون پيدا ڪندو هو" (وشنو پراڻ، حال جي ايڊٽ ڪيل ولسن جو انگريزي ترجمو، ٦×٧٦-٧٩). سامب کي دُرواسَس نالي فقير جي بد دعا سبب ڪوڙهه جي بيماري ٿي پئي، جنهن تي 'نارَدَ' جي صلاح موجب هو وڃي ميتْرَ-وَنَ جي وڻن ۾ ويٺو، ۽ ميتْرَ (سورج ديوتا) جي مسلسل پوڄا سبب هن کي ڪوڙهه کان نجات ملي. پوءِ هن ميتْرَ يعني سورج ديوتا جي پوڄا لاءِ هڪ مندر ۾ سونو بت ڪڙو ڪيو، ۽ اهڙي طرح مناسب، سڄ جي پوڄا جي شروعات ڪئي (پاوَشيہ پُراڻَ، بحوالي حاشيه ولسن - ايضاً، ٥×٣٨١، عـمـل ١٠: ٣٨١؛ ٻڌ ڪينگهام، هندستان جي قديم جاگرافي، ص ص ٣٣-٢٣٢). بيروني ٻڌ لکيو آهي ته ملتان جو هڪ قديم نالو 'سامبَپُرَ' يعني 'سامب جو شهر' هو (انڊيا، ترجمو سخاؤ، ١×١٩٦). وري ٻئي هنڌ (ايضا ٢ ١٨٤) لکي ٿو ته "ملتان جي هندن جي هڪ وڏي ڏينهن جو نالو 'سامبَپُرَ ياترا' آهي، جو هو سج جي نمشڪار ۽ پوڄا پاڻ طور ملهائيندا آهن." (هوڙي والا ص ص ٩٨-٩٩).

٣٥٦/[٢٣٩] مَتْرَوِيَ [بتخانو]: فارسي ايڊيشن ۾ هي لفظ "متروي" ڪري لکيل آهي مگر فتحنامي جي قلمي نسخن جي پڙهڻ جي آڌار تي اسان 'منروي' پڙهڻي اختيار ڪئي آهي، جنهن لاءِ متن ص ٣٥٦ جو حاشيه ١ ڏسو گهرجي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيڏن دليلن مطابق صحيح لفظ به يقيني طور "منروي" آهي، جو ملتان جي مندر جو نالو هو:- (١) هن کان اڳ واري نوٽ موجب قديم هندو پراڻن جي بيانن مان تصديق ٿئي ٿي ته ملتان واري مندر "سورج ديوتا" جو مندر هو ۽ سورج ديوتا جي پوڄا لاءِ قائم ڪيو ويو هو (٢) محقق بيروني پنهنجي وڏي ڪمل تحقيق جي بناءِ **تي لکيو آهي** ته "هندستان جي مشهور بتن مان هڪ **ملتان واري بت** آهي، جنهن جو نالو سچ جي نالي پويان آهي ۽ انهيءَ ڪري ان کي 'آدت' سڏجي ٿو" (کتاب الهند، عربي متن: ص ٥٦؛ ۽ کتاب الجماهر ص ٤٩). (٣) هاڏي، 'منروي' جو خود سنسڪرت نالو ٿي انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪري ٿو: مَن = دل، روح، جان، ٻوجهه، ويچار، جان ۽ ٻوجهه جو مرڪز. ("من" مان نڪتل اصطلاح: دل لڳائڻ، برگزيدو سمجهڻ، عبادت ۽ ياد ڪرڻ). رَوِي = سج يا سورج ديوتا. سج جو قديم نالو. سج جي پارهن "آدتين" مان هڪ آدتيه (سنسڪرت ڊڪشنري Sir Monier - William. انهيءَ ڪري منروي (من × روي) جي معنيٰ ٿي سج جي (پارهن عادتين مان) هڪ آدتيه جي پاڻ پوڄا جو مرڪز، يا مجموعي طرح سان 'سورج ديوتا جي عبادتگاهه.'

ابن رسته (ص ١٣٦) لکي ٿو ته: (مقامي ماڻهو) چون ٿا ته هي بت ٻه هزار ورهيه اڳ جو آهي." محقق بيروني (کتاب الهند ص ٥٦) لکي ٿو ته: "سندن (مقامي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مائهن) خيال ۾ هي بت 'ڪرتا جڳ' ۾ بنايو ويو ۽ انهيءَ حساب سان هن وقت (٥ - صدي هجري جي اوائل) تائين ان کي ٢١٦٤٣٢ سال گذري چڪا آهن." (ن - ب)

٣٥٦ / [٣٣٩] سون جو ٿهيل بت ڏٺائين، جنهن جون اکيون گاڙهي ياقوت سان لاهي سندس منهن ۾ رکيل هيون: هن صفحي تي ٽوڙي هن کان اڳ واري صفحي تي ڄاڻايل آهي ته هيءَ بت سون جو هو. مگر محمد جي فتح وقت غالباً اهو سونو بت موجود نه هو. محمد بن قاسم، پنهنجي فراخدليءَ واري پاليسي موجب انهيءَ بت کي انهيءَ اصلوڪي سالم حالت ۾ ڇڏيو (ڏسو هيٺ، نوٽ ص ٣٥٧) ۽ بعد ۾ اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسي، جن ٤- صدي جي وچ ڌاري هن بت کي ڏٺو تن جو بيان آهي ته 'سچو بت هڪ قسم جي چمڙيءَ سان ڍڪيل آهي جا جڻ ٻڪريءَ جي گاڙهي گوڙهي رڳيل کل يا گاڙهي سڄاڻي ڪپڙي مثل معلوم ٿئي ٿي. سواءِ اکين جي جسم جو ڪو به حصو نظر نٿو اچي. ڪي چون ٿا ته ڪاٺ جو ٿهيل آهي ۽ ڪي ان راءِ جي مخالف آهن' (اصطخري ص ١٧٤، ابن حوقل ص ٢٢٩ ۽ مقدسي ص ٤٨٣). بيروني کي ٥- صديءَ جي شروع ۾ تحقيق ڪندي معلوم ٿيو ته هيءَ بت ڪاٺ جو ٿهيل هو ۽ سچو ٻڪري جي گاڙهي رڳيل چمڙيءَ سان ڍڪيل هو ۽ سندس اکين ۾ گاڙها ياقوت لڳل هئا (كتاب الهند، عربي متن ص ٥٦). هي بت بيروني کان اڳ تباهه ٿي چڪو هو، مگر اکين ۾ گاڙهن ياقوتن بابت سندس تحقيق بالڪل فتحناميءَ ۾ ڏنل حقيقت مطابق آهي، جنهن جي تصديق ٻڌ اصطخري (ص ١٧٤

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابن حوقل (ص ٢٢٩) ۽ مقدسي (ص ٢٨٣) جي اکين ڏنل بيان مان ٿئي ٿي تہ مورتي جي اکين جي جاءِ تي ہ جوهر لڳل هئا. غالباً نتجناسي جي فارسي مترجم ٿي وڃائ خاطر هن بت کي سون جو بت ڪري چاڪاڻ تہ اهو بيان جملي اکين ڏنل بيانن جي خلاف آهي. (ن-ب)

٣٥٦ / [٢٤٠] محمد بن قاسم سمجهيو تہ هي ڪو آدمي آهي: هن بت جي صورت هوبهو ماڻهو جهڙي بنايل هئي، ابن حوقل (ص ٢٢٩) جو اکين ڏنو بيان آهي تہ "هي بت انسان جي شڪل شبيه واري صورت جهڙو آهي." ۽ مقدسي (ص ٢٨٣) ۽ ابن رسته (ص ١٣٦) هن حقيقت جي تائيد ڪن ٿا تہ "هيءَ بت ماڻهوءَ جي صورت جهڙو آهي." (ن-ب)

٣٥٧ / [٢٤٠] ان (بت) جي هيڻان ہ سؤ ٽيهہ من سون ۽ چاليهہ مٽ سون جي ڪاتر سان پريل نڪتا. جملي تيرهن هزار ہ سؤ من تور سون ڏنن ٽيل نڪتو: هن ڪان اڳ ص ٣٥٥ تي چاڻايل آهي تہ هرهڪ مٽ ۾ سون جي ڪاتر جا "ٽي سؤ ٽيهہ من" پيل هئا. انهيءَ حساب سان تہ فقط چاليهن مٽن مان ٿي (٣٣٠×٤٠ = ١٣٢٠٠) تيرهن هزار ہ سؤ من سون نڪتو هوندو. انهيءَ ڪري يا تہ متين عبارت ۾ ڦيرپون "ہ سؤ ٽيهہ من" وارو فقرو محض وڃائ آهي ۽ غلط سمجهڻ گهرجي، يا تہ وري پوئين جوڙ ۾ غلطي آهي ۽ جملي سون (١٣٢٠٠× ٢٣٠ = ١٣٤٣٠٠) تيرهن هزار چار سؤ ٽيهہ من ٽيڻ گهرجي.

اڪثر عرب مؤرخن ۽ جغرافيہ نويسن پنهنجي تصنيفات ۾، محمد بن قاسم کي سون جي هن وڏي خزاني مٿ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اڃ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهنڪري ملتان کي ان بعد عربيءَ ۾ "فرج بيت الذهب" يعني "سون جي گهر واري سرحد" (يا سون جي گهر وارو محاذ) ڪري سڏيو ويندو هو. ڪم از ڪم ٽن مصنفن هن ملتان واري بتخاني مان سون جو هڪ آيل وزن پڻ لکيو آهي. سندن متفقہ بيان موجب هن بتخاني مان "چاليهہ ٻهارون سون جون هڪ آنءون: هرهڪ ٻهار برابر ٽي سؤ ليٽيهن مڻ جي*" (ڏسو اصطخري ص ٥٦؛ البدء و التاريخ جلد ٤، ص ٧٧؛ ۽ "مسالک الابصار" مان محمد بن تغلق متعلق حالات جو انگريزي ۾ "آٽوبيس" جو ڪيل ترجمو، ص ١٩). هنن بيانن موجب جملي سون جو وزن (٣٣٣×٤٠=١٣٣٢٠) تيرهن هزار ٽي سؤ ويهہ مڻ ٿيڻ گهرجي. (ن-ب)

٣٥٧ / [٢٤٠] اهو سون ۽ بت خزاني ۾ آندائون: ٻئي ص ٣٥٦ / [٢٣٩] واري نوٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ بت سون جو ڪونہ هو مگر ڪاٺ جو هو، انهيءَ ڪري

---

* "ٻهار" هڪ مان جو نالو آهي، مگر ان جي وزن متعلق اختلاف راءِ آهي. جواليقي جي بيان موجب هڪ بهار سون يا چاندي جي ٽن قناطيرن جي برابر آهي ۽ هر هڪ قناطير هڪ سؤ رطل جي برابر آهي. مگر الفراء ۽ ابن الاعرابي جي راءِ موجب "بهار" عربن وٽ ٽن سؤ رطلن جي برابر آهي. ڪتاب المعرب ص ٢٧، تاج العروس (ساده: بهر) جي مصنف پڻ "بهار" جي معنيٰ لکندي سا ڪيو جواليقي وارو بيان نقل ڪيو آهي. خفاجي لکي ٿو تہ "بهار" هڪ مان آهي جو ٽن قناطيرن جي برابر آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ ٽن سؤ رطلن جي برابر آهي. (شفاء العليل ص ٤٣)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ان کي کٹڻ جي ضرورت ڏي کانئ هٿي. ازانسواء بتن کي کٹڻ يا تباهه ڪرڻ محمد بن قاسم جي پاليسي جي منافي هو. فتحنامي ۾ هن کان اڳ اروڙ جي فتح واري بيان مان واضح آهي ته محمد بن قاسم اتي جي بتخاني ۽ ان ۾ رکيل مورتي جو معائنو ڪيو ۽ هڪ ڪنگڻ بت جي ٻانهن تان لاٿائين ۽ وري اهو مجاور کي واپس ڪيائين ته ساڳيءَ طرح مورتي کي پارايو وڃي. زير بحث صفحي تي ذرا مٿي جاٿايل آهي ته محمد بن قاسم بت کي کٹڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهو محض انهيءَ لاءِ ته هِيئان ٻوريل خزانو هٿ ڪيو وڃي. محمد بن قاسم کان پوءِ ۽ عرب سياحن ۽ مؤرخن مسلسل طور ملتان جي بتخاني ۽ بت مجو ذکر ڪيو آهي جنهن مان ظاهر آهي ته اهو بت اتي سالم حالت ۾ رکيل هو [ڏسو اکين ڏٺا بيان اصطخري (ص ١٧٤)، ابن حوقل (ص ١٢٩)، ۽ مقدسي (ص ٤٨٣-٤٨٤) جا ۽ ان تحقيقي بيان ابن خردازبه (ص ٥٦)، ابن رسته (ص ص ٣٧-١٣٥) جا ۽ ان حوالا، مصنف 'حدودالعالم' (ص ٤٤)، ابن الوردي (خريدة العجائب ص ص ٦٣-٦٢) ۽ ياقوت (معجم البلدان ٤×٦٨٩) جا.]

پنجين صدي هجري جي شروع ۾ جڏهين بيروني ملتان ۾ آيو تڏهين هيءَ بت اڳ تباهه ٿي چڪو هو. بيروني هن مورتي ۽ ان جي تباهي بابت پنهنجي ڪتاب الهند (ص ٥٦) ۾ هن طرح لکيو ته: "محمد بن قاسم بن منبه هن بت جي ڪڇيءَ ۾ ڪٹون جي گوشت جو ٽڪر ٻڌي ڇڏيو هو. پوءِ جڏهين قرمطين جو (ملتان تي) غلبو ٿيو تڏهين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جلم بن شيبان هن بت کي ڀڳو ، ان جي رکوالن کي قتل کيائين ۽ ان مندر کي .... جامع مسجد ۾ تبديل کيائين."
جيتوڻيڪ بيروني جي هن بيان جو ٻوين حصو صحيح آهي، مگر محمد بن قاسم بابت سندس ريمارڪ غلط آهي. معلوم ٿئي ٿو ته اهڙا ڏند ڪٿا بيروني کي مقامي ماڻهن کان ملي ۽ ان جي غلطيءَ جو وڏو ثبوت اهو آهي جو خود محمد بن قاسم جي ڏاڏي جو نالو ئي غلط لکيل آهي . محمد بن قاسم جي ڏاڏي جو نالو "محمد" هو ۽ نہ "منبه". ممڪن آهي ته بت جي اها توهين "بنو منبه" ڪهراٽي جي حاڪمن مان ڪنهن ڪئي هجي، جي قرمطين کان اڳ واري زماني ۾ ملتان جا حاڪم هنا ڇو ته "منبه" جي نالي مان اهوئي گمان نڪري ٿو. محمد بن قاسم مقامي ماڻهن جي ذهن جي پوري مخالفت ڪئي هئي جنهن ڪري فتحنامي ٿوڙي بلاذري جا ڪيترائي حوالا شاهد آهن. معلوم ٿئي ٿو ته خود بيروني کي ٻوءه هن غلط روايت جي خبر پٽجي وئي انهيءَ ڪري پنهنجي ٻي تصنيف "ڪتاب الجماهر" (ص ۴۹) ۾ هن طرح لکيائين ٿو: "محمد بن قاسم ان بت کي صلح ۽ پلائي خاطر ائين جو ائين ڇڏي ڏنو ، تان جو جلم بن شيبان ان کي (خليفي) مقتدر بالله جي دؤر قريب ۾ ڀڳو."

جلم بن شيبان مصر جي فاطمي خليفن جو داعي ۽ سپه سالار هو جنهن ان دؤر ۾ سنڌ ۽ ملتان تي غلبو حاصل ڪيو. هن سنه ۳۵۴ھ ۾ هن بت کي ڀڳو، جيئن ته مصر جي فاطمي خليفي معز ڏانهن سندس لکيل خط مؤرخ آخر ڏينهن، ۱۹ رمضان سنه ۳۵۴ هه مان ظاهر آهي (عماد الدين ؛

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عيون الاخبار - قلمي نسخه - بشكريه محترم استاد پروفيسر طاهر علي- حالا پرنسپال شاهه عبداللطيف كاليج، ميرپورخاص).
(ن - ب)

۳۵۸/ [۲۴۰] تياريءَ ۾ ست هزار درهم تور خالص چاندي خرچ ٿي آهي .... باقي هڪ سؤ وهه هزار درهم تور چاندي .... توکي موڪلڻي آهي: جملي نسخن موجب نتحنامي جي عبارت ائين آهي. اهي الفاظ حجاج جي خط جا آهن، جيڪو نتحنامي موجب، محمد بن قاسم کي انهيءَ ڏينهن پهتو جنهن ڏينهن ملتان ۾ ڪيس خزانو هٿ آيو. انهيءَ جي معني ته اڄا محمد بن قاسم ملتان وارو خزانو حجاج ڏانهن ڪونہ موڪليو هو.

پانڌجي ٿو ته هن عبارت ۾ خلل آهي. بقول هوڙي والا (ص ۱۰۰) ائين سمجهڻ عبث آهي ته ٻن ٽن سالن جي فتوحات جي تياريءَ ۾ صرف ست هزار درهم چاندي يعني ته الڪل ۱۵ هزار روپيه خرچ ٿيا هوندا. ۱۰ هـ. هن باري ۾ بلاذري جو هيٺيون بيان غالباً صحيح آهي، : فتحنامي ۾ محض ڪاتبن جي غلطي سبب انهيءَ ساڳي حقيقت کي ادا ڪرڻ ۾ ڀل ٿي آهي. بلاذري لکي ٿو ته: "حجاج حساب لڳايو ته ڏٺائين ته محمد بن قاسم (جي حملي) تي ست هزار هزار درهم خرچ ڪيو هئائين، ۽ ڪيس هڪ سؤ وهه هزار هزار (محمد بن قاسم طرفان) پهچي چڪا هئا. انهيءَ تي چيائين ته: اسان پنهنجي ڪاوڙ ٿاري، بدلو ورتو، ۽ ست هزار هزار درهمن ۽ ڏاهر جي سر جو اضافو ڪيو" (فتوح البلدان، ص ۴۴۰). نتحنامي جي عبارت ۾ ٻنهي جاين تي "هزار هزار" جي بدران

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

صرف "هزار" لکيو ويو آهي جو غالباً ڪاتب جي غلطي آهي. بلاذري جي عبارت سان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم جي فتوحات تي جملي ۶ ڪروڙ درهم خرچ ٿيو ۽ ۱۲ ڪروڙ درهم محمد بن قاسم طرفان شاهي خزاني ۾ پهتا. (ن - ب)

۳۵۹/[۲۴۱] اشهار ۽ ڪرور: فتحنامي ۾ هن صفحي تي توڙي هن ڪان اڳ ص ص [۱۵، ۳۷] تي هنن هنيي شهرن جا نالا گڏوگڏ ڏنل آهن، جنهن سان پانڌجي ٿو ته اهي هڪ شهر ساڳئي طرف ۽ هڪٻئي ڪي ويجها هئا. 'ڪرور' جو نالو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. 'ڪرور پڪا' ملتان ضلعي جي تعلقي لوڌران ۾، لوڌران اسٽيشن ڪان ۲۴ ميل اوير طرف واقع آهي. (ن - ب)

۳۶۰/[۲۴۲] اوڏاپور: مختلف نسخن جي پڙهڻين مطابق 'اوردهابر' يا 'اودهانر'. ميو معصوم (تاريخ معصومي ص ۲۸) نه معلوم ڪهڙي بناء تي هن شهر کي 'ديبالپور' ڪري لکيو آهي. هوڙي والا جاڻايو آهي ته ميجر راورٽي جي خيال ۾ فتحنامي جو 'اوڏاپر' يقيني طور اديپور (Odipur) آهي جو الوان (Alwana) ڪان ۱۴ ميل ڏکڻ طرف 'گهگهر' جي ڪناري تي آهي. ڪنبرج هسٽري آف انڊيا واري پڻ راورٽي جي اها راء اختيار ڪئي آهي. مگر هيءُ نالو بلڪل مبهم آهي ۽ ان جي جڳهه متعين ڪرڻ مشڪل آهي. (هوڙي والا، ص ۱۰۰).

۳۶۱/[۲۴۳] راء هرچند [پٽ] جهتل: فتحنامي جي بيان موجب راء هرچندر، محمد بن قاسم جي فتوحات وقت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قنوج جو راجا هو. نالن جي مناسبت جي لحاظ سان 'هرچندر' کي "هرشا" سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. مگر قنوج جو مشهور راجا هرشا سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت کان اڳ گذاري ويو هو. هيءَ راءِ هر چندر قنوج جو ڪو ٻيو راجا هو جو شايد هرشا بعد حڪمران ٿيو. (ن ـ ب)

٣٦٢-٣٦٧ / [٢٤٣ - ٢٤٧] محمد بن قاسم کي دارالخلافت جو پروانو پهچڻ .... جنگيءَ جو ٻيو پيرو گفتگو: هن صفحن تي پنجن مختلف عنوانن هيٺ جيڪا حڪايت محمد بن قاسم جي گرفتاريءَ ۽ موت بابت ڏنل آهي، سا محض هڪ ڏندڪتا آهي، جنهن جو آڪاڻ تاريخي ڪتابن ۾ ذري جيترو به ذڪر ڪونهي. البت پوئين دؤر جي مصنفن، فتحناميءَ جي هن انساني کي بنا سوچ سمجهه، جي پنهنجي ڪتابن ۾ داخل ڪيو ۽ انهيءَ کري نظام الدين بخشي جي "طبقات اڪبري"، ميرمعصوم جي "تاريخ معصومي" ۽ ميرعلي شير قانع جي "تحفةالڪرام" ذريعي هن جڙتو افساني جي وڏيڪ اشاعت ٿي آهي.

هن حڪايت جا هيٺيان اندروني سقم ٿي ثابت ڪن ٿا ته هيءَ محض هڪ افسانو آهي جنهن جو بنياد محمد بن قاسم بابت پڌل مقامي ڏند ڪٿائن تي رکيل آهي:-

(١) پهريون ته ص ٣٦٣ / [٢٤٣] تي هن انساني کي تاريخي رنگ ڏيڻ لاءِ ان کي ٻن راوين، محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. هن نالن کي پڙهندي گمان ٿئي ٿو ته شايد اهو هڪ نالو "علي بن محمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابوالحسن مدائني" هجي جو مدائني جو سڃو نالو آهي. مگر فتحنامي جي جملي نسخن ۾ اهي ٻ جدا نالا ڏنل آهن، ۽ ازانسواء "علي بن محمد" کي "محمد بن علي" ڪري لکڻ کي ڪاتبن جي غلطي طرف منسوب ڪرڻ قرين قياس ناهي. جيئن ته ابوالحسن مدائني هڪ نهايت معتبر راوي آهي جنهن جون فتحنامي ۾ ڏنل ٻيون سڀ روايتون تاريخ جي ڪسوٽي تي پرکي سگهجن ٿيون، انهيءَ ڪري جنهن شخص هي ڏنل ڪتا فتحنامي ۾ شامل ڪئي آهي تنهن غالباً عمداً ۽ ارادتاً ان کي نقط ابوالحسن مدائني ڏانهن منسوب ڪرڻ جي بدلي ساڻس گڏ محمد بن علي نالي ٻئي هڪ گمنام راوي کي پڻ شامل ڪيو آهي.

(٢) ٻيو ته ص ٣٦٣ / [٢٤٢] تي ڄاڻايل آهي ته "راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت سنڌس حرم سراء مان هن جون ٻه ڪنواريون ڌيئريون گرفتار ٿي آيون هيون" فتحنامي جي اڳئين بيان مان ثابت آهي ته راجا ڏاهر راوڙ جي قلعي وٽ قتل ٿيو ۽ اتي ٻه صرف سنڌس زال لاڏي جي گرفتاري جو قصو ڏنل آهي ۽ نه سنڌس ٻن ڌيئرن جي گرفتاري جو. البت ڏاهر جي ٻن ڌيئرن ۽ لاڏي جي گرفتاري جو قصو صفحي ٣٠٢ / [٢٠٧] تي برهمڻاباد جي فتح وقت بيان ٿيل آهي ۽ مٿي صفحي ٥٠١ تي ڏنل نوٽ ۾ انهيءَ متضاد ۽ غير معتبر بيان تي تبصره ڪيو ويو آهي. ظاهر آهي ته ڏاهر جي ڌيئرن بابت خود فتحنامي جا بيان هڪٻئي جي مخالف آهن ۽ هن قصي کي غير معتبر ثابت ڪن ٿا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۳) ٽيون ٿر ساڳئي ص ۲۴۳/[۲۶۳] ٽي چاڻايل آهي محمد بن قاسم اهي ڏاهر جـون ۽ ڏيڑون "حبشي غلامن هٿان بغداد ڏانهن دارالخلافت جـي درگاهہ ۾ موڪلي ڏنيون هيون." مگر محمد بن قاسم جي فتوحـات وقت بغداد جو شهر اڃا وجود ۾ ئي ڪونہ هو، بلڪ چاليهن ورهين کان ۾ پوء ٻڌو ويو. ان وقت دارالخلافت دمشق هـو. هن بنيادي تاريخي غلطيءَ مان صاف ظاهر آهي ٿہ هيءَ هڪ من گهڙت انسانو آهي، جو گهٽو پوء قصي طور ايجاد ڪري فتحنامي ۾ شامل ڪيو ويو.

(۴) چوٿون ٿہ ص ص ۲۶۴-۲۶۵ / [۲۴۴-۲۴۵] ٽي چاڻايل آهي ٿہ محمد بن قاسم کـي هتي ئي ڪڇي کل ۾ وڌـڙهي صندوق ۾ بند ڪري ڪڍي ويـا ۽ خليفي وٽ ان جو لاش ڀيٽو. معتبر عربي تاريخون هن بيان جي واضح طور تردید ڪن ٿيون.

(۵) پنجون ٿہ ص ۲۶۷ / [۲۴۷] تـي چاڻايل آهـي خليفي کـي جڏهين ڏاهر جي ڏيڑن جي ڪوڙ ۽ مڪر جي خبر پيئي تڏهين ڪين جيڙو پٽ ۾ لنبائي ڇڏيائين. هيءَ هڪ اهـڙو واقعو آهي جـو جيڪڏهين سچو هجي ها ٿہ عربي تاريخن ۾ ان جو ذڪر هجي ها، مگر اهـڙو ڪو اشارو ۾ موجود ڪونهي.

اهي مٿيان اندروني سقم ئي هن سڄي بيان کـي هڪ جڙتو ۽ من گهڙت افسانـو ثابت ڪن ٿـا. معتبر عربي تاريخن مطابق محمد بن قاسم جي دردنـاڪ ڇاڻي ۽ وفـات

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي حقيقت هيٺين طرح آهي ۽ اها کلي طور هن جڙندو انساني جي تردید کري ٿي:-

خليفي وليد جي وقت ۾ حجاج جي طاقت جو اوج هو. انهيءَ عرصي ۾ حجاج جي اختيار کيل پاليسي سبب (١) هڪ تہ کي خاص ماڻهو حجاج جي دشمنيءَ جو شڪار بنيا. خليفي وليد جي وفات بعد اهي ماڻهو نئين خليفي سليمان جا خاص صلاحڪار ۽ وڏا آفيسر بنيا ۽ انهن حجاج جي عزيزن ۽ خاص ماڻهن کان حجاج جا بدلا ورتا. محمد بن قاسم ۽ انهيءَ بدلي جو شڪار بنيو. (٢) ٻيو تہ انهن خاص شخصن سان جڏهين حجاج جي دشمني ٿي تہ انهن وڃي خليفي وليد جي ڀاءُ ۽ وليعهد سليمان وٽ پناهہ ورتي جنهنڪري حجاج ذاتي طور سليمان جو دشمن ٿي بيٺو. ٻوءِ سليمان جڏهين خليفو ٿيو، تڏهين حجاج واري ذاتي عداوت سبب هن پنهنجي مکيہ صلاحڪارن جي پاليسيءَ جي پٽيراڻي ڪئي، جنهن موجب حجاج جو بدلو سندس عزيزن ۽ خاص ماڻهن کان ورتو ويو جن ۾ محمد بن قاسم اول نمبر هو. (٣) ڇون تہ وليعهد سليمان سان ذاتي عداوت هئڻ سبب حجاج ساڻس سياسي عداوت ڪئي ۽ خليفي وليد جي انهيءَ تجويز کي زور ونايو، جنهن موجب سليمان کي وليعهد جي درجي تان لاهي خليفي وليد جي پٽ عبدالعزيز کي وليعهد بنايو ويو. حجاج جي انهيءَ سياسي عداوت جو بدلو سليمان خليفي بنجڻ بعد سندس عزيزن ۽ خاص ماڻهن خصوصاً محمد بن قاسم کان ورتو. حجاج جون اهي دشمنيون ۽ مرڪزي سياست ۾ آيل تبديل ٿي محمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن قاسم جي گرفتاري ۽ دردناڪ پڄاڻي جا خاص سبب هئا. جن تي هيٺ، معتبر تاريخي حوالن ذريعي روشني وڌي وڃي ٿي:

(١) حجاج جي مهلب جي پٽن سان دشمني:- سنہ ٧٥ هـ ۾ خليفي عبدالملڪ، حجاج کي پنهنجو خاص آفيسر ڪري مقرر ڪيو ۽ حجاج پوري جبر ۽ تشدد سان حڪومت جي مخالفن کي ختم ڪيو ۽ فسادن جي پاڙ پٽي ڪڍي. مگر سنہ ٨١ هـ ۾ خود حڪومت جي هڪ آفيسر ۽ حجاج جي زبردست، عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث، بغاوت ڪئي. ابن الاشعث مشرقي محاذ جو ڪمانڈر هو ۽ سيستان طرف فتحون حاصل ڪيون هيٺائين. بصره، فارس، ڪرمان ۽ سيستان جو انتظام به سندس هٿ هيٺ هو (١). ابن الاشعث جي بغاوت، حجاج کي خود حڪومت جي طاقتور آفيسرن کان بدظن ڪيو. ان وقت حڪومت جو پيو ڪامياب ڪمانڈر مهلب ابن ابي صفراء هو. مهلب پاڻ حڪومت جو نهايت وفادار آفيسر هو، مگر حجاج کي سندس پٽن کان خدشو پيدا ٿيو چاڪاڻ ته اهي سڀئي شينهن مڙس هئا ۽ سندن اثر ۽ رسوخ، همت ۽ مردانگيءَ جون حجاج وٽ خاص خبرون پهتل هيون (٢). خصوصاً مهلب جي پٽ يزيد جي اثر ۽ رسوخ، طاقت ۽ غرور بابت حجاج کي معلوم ٿي چڪو هو (٣). بلڪ ستارن جو حساب لڳائي ڪن کيس ٻڌايو هو ته يزيد نالي شخص ٿي تنهنجو جاءِ نشين ٿيندو (٤).

---

(١) ابن الاثير ٤×٢٢٦ (٢) ابن خلدون ٥٤×٣ (٣) ابن خلڪان، انگريزي ترجمو III/515-16 (٤) ايضاً، IV/164

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهيءَ کري حجاج ويتر يزيد بن مهلب کي نفرت جي نگاهه سان ڏسڻ لڳو (١).

يزيد جي پيءُ مهلب جو خليفي عبدالملک وٽ وڏو قدر هو، انهيءَ کري سندس حياتيءَ ۾ حجاج کوبه قدم کڻي نٿي سگهيو. مهلب ٨٢ هه ۾ وفات کئي، مگر ان وقت ابن الاشعث جي بغاوت زور هئي ۽ حجاج ان جي دفع کرڻ ۾ مشغول هو انهيءَ کري يزيد کي سندس پيءُ مهلب جي جاءِ تي خراسان جو گورنر مقرر کيائين. مگر سنه ٨٥ هه ۾ ابن الاشعث جو خاتمو ٿيو ۽ حجاج، يزيد کي خراسان جي گورنري تان معزول کيو (٢). يزيد هاڻي وڃي خليفي عبدالملک جي پٽ سليمان جو شهارو ورتو، ۽ حجاج جڏهين عبدالملک ڏانهن يزيد ۽ سندس پاڻ ڀرن خلاف لکيو: انهن بيت المال جي رقمن ۾ خيانت کئي آهي ۽ انهيءَ باري ۾ مسلسل لکندو رهيو تڏهين خليفي ڏانهس لکيو ته هو وڃي سليمان سان پيڙا ٿيا آهن انهيءَ کري سندن پچر ڇڏي ڏي (٣).

انهيءَ جواب تي حجاج، عبدالملک جي باقي عهد ۾ يزيد ۽ سندس پاڻرن جي پچر ڇڏي ڏني مگر جڏهين عبدالملک شوال سنه ٨٦ هه ۾ وفات کئي ۽ سندس پٽ وليد خليفو ٿيو، تڏهين حجاج کي هٿي ملي وئي ۽ هن يزيد جي پاءُ حبيب کي کرمان جي گورنري تان معزول کيو ۽ سندس هٿي پاءُ عبدالملک کي پوليس آفيسري تان معزول کيو

---

(١) ابن خلکان، عربي متن ٢٦٥×٢، انگريزي ترجمو IV/64
(٢) طبري ٨×٢-١١ (٣) طبري ١٦×٢-١٢١٢

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ ٽنهي پائرن کي سنه ۸۶ ۾ گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو (۱) ۽ کين قيد ۾ سخت عذاب ڏياريائين (۲). چئن سالن جي قيد ۽ عذاب بعد سنه ۹۰هـ ۾ يزيد ۽ سندس پائر حجاج جي قيد مان ڇڏيو نڪتا ۽ وڃي خليفي وليد جي ٻاڻ ۽ وليعهد سليمان وٽ پناهه ورتائون (۳). حجاج جي اها دشمني ۽ سختي هنن کي ورثي جي ڪاڻ هئي؛ انهيءَ ڪري جڏهين حجاج مري ويو ۽ خليفو وليد به مري ويو ۽ سندن مربي سليمان خليفو ٿيو، تڏهين يزيد حجاج جو جانشين مقرر ٿيو ۽ هن حجاج جي دشمني وارو بدلو حجاج جي سائين ۽ عزيزن، خصوصاً محمد بن قاسم کان ورتو.

(۲) حجاج جي وليعهد سليمان سان ذاتي دشمني:- خليفي عبدالملڪ توڙي خليفي وليد جي ڏينهن ۾ سليمان، يزيد بن مهلب ۽ سندس پائرن جو حامي ٿي ٻيٽو ۽ کين پنهنجي پناهه ۽ حفاظت ۾ رهايائين، جنهنڪري حجاج کين ڪجهه به نه ڪري سگهيو. انهيءَ ڪري حجاج جي سليمان سان ذاتي عداوت ٿي پئي. وليد جي ڏينهن ۾ حجاج جي طاقت جو اوج هو ۽ انهيءَ ڪري سليمان کي وليعهد هوندي به ڏڪي طور لکي موڪلياڻين ته "تون ته مس جي هڪ نقطي وانگر آهين؛ چاهيان ته توکي ڌاهي ڇڏيان چاهيان ته توکي باقي رکان" (۴). حجاج انهيءَ سرڪشي

(۱ طبري ۲×۱۱۸۲ (۲) طبري ۲×۱۲۱۰؛ يعقوبي ۲×۲۴۴-۲۴۵؛ ابن الاثير ۴×۲۶۲؛ ۽ ابن خلڪان، انگريزي ترجمو IV / 165
(۳) طبري ۲×۱۲۰۸ (۴) جاحظ: البيان ۱×۲۰۵؛ محاضرات راغب اصفهاني ۱×۱۰۶.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سبب سليمان کي به سور ڏيئي چڏيا هئا، مگر سندس خليفي ٿيڻ کان اڳ هو مري چڪو هو، انهيءَ کري سليمان پنهنجا سڀ بدلا حجاج جي عزيزن کان ورتا ۽ محمد بن قاسم ۽ انهيءَ عداوت جو شڪار ٿي ويو.

(۳)وليعهد سليمان جي خلاف سياسي سازش ۽ حجاج جي شرڪت:- خليفي عبدالملڪ پنهنجي وفات کان هڪ سال اڳ سنه ۸۵هـ ۾ ڪانئس پوءِ خلافت جو سلسلو هن طرح مقرر ڪيو تہ: اول سندس پٽ وليد خليفو ٿئي ۽ ان بعد سندس ٻيو پٽ سليمان. انهيءَ تي عوام کان به بيعت ورتائين ۽ خود پاڻ پڻ وليد ۽ ان بعد سليمان کي بيعت ڏنائين (۱). ۽گر وليد پنهنجي خلافت جي آخري دؤر ۾ ڪوشش ڪئي تہ ڪانئس پوءِ سندس پٽ عبدالعزيز خليفو ٿئي ۽ نہ سندس ٻاءُ سليمان. انهيءَ لاءِ اول پنهنجي ٻاءُ سليمان کي مجائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر جڏهن هن انڪار ڪيو تڏهين حڪومت جي وڏن آفيسرن ۽ گورنرن ڏي لکيائين تہ هو سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز جي بيعت ڪن. انهيءَ تي عراق جي وائسراءِ حجاج، خراسان جي ڪمانڈر ۽ گورنر قتيبة بن مسلم ۽ ٻين خاص شخصن سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز جي بيعت ڪئي (۲). انهن ٻين خاص ماڻهن ۾ غالباً آفريقا جو فاتح موسيٰ بن نُصَيرالڪمي،

---

(۱) طبري ۲×۱۱۷۰؛ بلاذري، انساب الاشراف ۱۱×۲۴۳ (۲) طبري ۲×۱۲۷۴ ۽ ۱۲۸۴، العيون والحدائق ۳×۱۷؛ نقائض، ص ص ۳۵۱ - ۳۵۳؛ ديوان فرزدق طبع پئرس ص ۵۲؛ طبع قاهره ص ۷۶۸؛ ابن خلڪان، انگريزي ترجمو، IV/183.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالله القسري ، عبدالرحمان بن حيان المُرّي ، حجاج جو سؤٽ حڪم بن ابوب ۽ حجاج جي سؤٽ عمر جو پٽ يوسف بن عمر الثقفي شامل هئا چاڪاڻ ته سليمان جڏهن خليفو ٿيو تڏهين انهن مڙني کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو ويو ۽ کين سخت عذاب ڏنا ويا (۱). گمان غالب آهي ته حجاج نه صرف پاڻ پنهنجي سر عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪئي مگر سليمان کي خلافت کان محروم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري طاقت لڳايائين ۽ پنهنجي قبيلي آل ابو عقيل جي سڀني سربرآورده شخصن کي سليمان جي بيعت توڙي عبدالعزيز کي بيعت ڏيڻ تي آماده ڪيائين. پنهنجي زيردست آفيسرن ڏانهن پڻ هن اهڙا آرڊر جاري ڪيا، جيئن ته طبري پنهنجي پختم سنڊ سان هلواٽ ڪلبي جي زباني روايت نقل ڪئي آهي جنهن چيو ته: "اسين محمد بن قاسم سان گڏ هندستان ۾ هئاسون جو حجاج جو خط پهتو ته سليمان جي بيعت ترڪ ڪريو." (۲)

جيڪڏهين حجاج ان تحرڪ بعد ڪجهه وڌيڪ عرصو جيئرو رهي ها ته سليمان خلاف گهٽو ڪجهه ڪري ڇڏي ها، ۽ جي هو وليد جي موت تائين زندهه رهي ها ته شايد سليمان کي خلافت کان هميشه لاءِ محروم ڪري ڇڏي ها. مگر حجاج پنهنجي جلدئي رمضان مهني سنه ۹۵ ۾ گذاري ويو، ۽ خليفي وليد جي جنهن سڄي هانهن ڇڄي پئي جنهنڪري هو سليمان خلاف هلايل تحريڪ کي ڪامياب نه ڪري

---

(۱) يعقوبي ۲×۲۵۳. (۲) طبري ۲×۱۲۷۵.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سگھيو. ٻوءِ سگھوڻي وليد ٻڻ جمادي الثاني سنه ۹۶ ۾ وفات ڪئي، ۽ سليمان پنهنجي ٻيءِ جي ڪيل وصيت ۽ بيعت موجب خليفو ٿيو ۽ هن هاڻي پنهنجي مڙني مخالفن خلاف سختي سان ڪارروايون شروع ڪيون.

سليمان جي خليفي ٿيڻ سان مرڪزي سياست ۾ ڦيرو آيو. حجاج واري جاءِ تي جنهن شخص کي خليفي وليد مقرر ڪيو هو تنهن کي معزول ڪري، سليمان انهيءِ جاءِ تي حجاج جي دشمن ۽ پنهنجي سائي يزيد بن مهلب کي عراق جو وائسراءِ مقرر ڪيو. اڳئين خليفي وليد جي سياسي حامين خلاف ٻڻ ڪارروايون شروع ڪيون ويون. آفريقا جي فاتح موسيٰ بن نصير^ کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو ويو. سرحد چين ۽ ڪاشغر جي فاتح قتيبه بن مسلم الباهلي جنهن حجاج سان گڏ خليفي وليد جو ساٿ ڏنو هو ۽ وليعهد سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪئي، تنهن مرڪزي سياست ۾ آيل ڦيرو ڏسي بغاوت شروع ڪئي، مگر سندس ڪوفي لشڪر ڪانئس ڦري ويو انهيءِ ڪري هو بالاخر شامي لشڪر هٿان قتل ٿي ويو. عبدالله قسري کي مڪه جي نظامت تان معزول ڪيو ويو. حجاج جي قبيلي آل ابي عقيل جي ماڻهن ۽ حجاج جي عزيزن جي گرفتاري، عذاب، ۽ موت لاءِ خاص اهتمام ڪيا ويا. يزيد بن مهلب جي صلاح سان صالح بن عبدالرحمان نالي شخص کي خليفي سليمان عراق جو روينيو آفيسر خاص انهيءِ لاءِ مقرر ڪيو ته هو آل بي عقيل جي ماڻهن ۽ حجاج جي واسيدارن کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ کين سخت عذاب ڏيئي ماري پورو ڪري (١). صالح کي حجاج سان ذاتي دشمني هئي ڇاڪاڻ تہ حجاج ، سندس ٻاڻ آدم کي خارجي هٿ سبب قتل ڪرايو هو (٢) انهيءَ ڪري هو انهيءَ ڪم جي پويان هٿ ڏوئي لڳو.

محمد بن قاسم، حجاج جو عزيز ۽ خاص ماڻهو هو ۽ "فاتح سنڌ" هٿ سبب آل ابي عقيل جي قبيلي ۾ ٻڌ برڪ هــو. ازانسواءِ حجاج ڏانهس سليمان جــي بيعت ڇڏڻ ۽ عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪرڻ لاءِ ٻڌ لکيو هو (٣). انهيءَ ڪري محمد بن قاسم کي فوراً معزول ڪري سندس جاءِ تي يزيد بن ابي ڪبشة سڪسڪي کي سنڌ جو نئون گورنر مقرر ڪيو ويــو. سنڌ جي هن نئين گورنر سان گڏ عراق جي نئين وائسراءِ يزيد بن مهلب جي ٻاڻ معاويه بن مهلب کي خاص طرح محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. ازانسواءِ ساڻن گڏ "عڪ" قبيلي جي هڪ شخص کي محمد بن قاسم جي قيد هٿ واري حالت ۾ مزيد نگراني لاءِ ٻڌ موڪليو ويو (٤).

چنڇر ڏينهن ١٣- جمادي الاخــر سنہ ٩٦ هــ (٢٣

---

(١) طبري ٢×١٨١، ١٣٠٩؛ الجهشياري ص ٤٩؛ ابن خلڪان، عربي متن ٢ × ٢٧٣، انگريزي ترجمو IV/385 (٢) بــلاذري، فتوح البلدان ص ٤٤١ (٣) طبري ٢ × ١٢٧٥ (٤) ڏســو بــلاذري، فتوح ص ص ٤٤٠-٤٤١، ۽ ٻڌ هيٺ نقل ڪيل محمد بن قاسم جو شعر.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فبروري سنہ ٧١٥ع) وليد وفات ڪئي هئي (١) ۽ انهيءَ ساڳئي ڏينهن سليمان بيعت ورتي (٢) حڪومت قبضي ۾ ڪري ورتي. جيئن تہ حجاج جي آفيسرن ۽ واسطيدارن کان سليمان کي خدشو هو انهيءَ ڪري محمد بن قاسم جي معزولي، سنڌ جي نئين گورنر جي تقرري ۽ سندس عملي جي سنڌ ڏانهن روانگي ۾ فوراً انهيءَ تاريخ بعد ٿي هوندي.

فتحنامي جي بيان موجب محمد بن قاسم ان وقت هندستان جي فتح جون تيارين ڪري رهيو هو ۽ قنوج تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ سندس لشڪر اوڏانهن ڪوچ انداز هو جو ڪيس دارالخلافت طرفان سندس معزولي جو حڪم پهتو. محمد بن قاسم هاڻي واپس موٽيو ۽ حڪم جي بجا آوري ۾ نئين گورنر آڏو پاڻ کي پيش ڪيائين، جنهن کيس گرفتار ڪيو. بعد ۾ گرفتاري واري عرصي ۾ محمد بن قاسم هيليان شعر چيا جن مان نئين گورنر ۽ سندس عملي جي اختيار ڪيل پاليسي ۽ محمد بن قاسم جي تاثرات تي روشني پوي ٿي :-

١- آتَنْسِيْ بَنُوْ مَرْوَانَ سَمْعِيْ وَ طَاعَتِيْ
وَ إِنِّيْ عَلَيْ مَا فَاتَنِيْ لَصَبُوْرُ

---

(١) طبري (٢١×٢١٦٩) لکي ٿو تہ سڀني سيرت نگارن جو اتفاق آهي تہ وليد سنہ ٩٦ هـ جمادي الاخر جي وچ ڌاري ڇنڇر ڏينهن وفات ڪئي. حساب موجب ڇنڇر جو ڏينهن تاريخ ١٣- جمادي الاخر سنہ ٩٦ هـ تي هو. (٢ طبري × ١٢٨.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢ـ فَتَحْتَ لَهُمْ مابَيْنَ سابُورَ بِالْقَنَا
إِلى الْهِنْدِ مِنْهُمْ زاحِفٌ وَ مُغِيرُ

٣ـ فَتَحْتَ لَهُمْ مابَيْنَ جُرْجانَ بِالْقَنَا
إِلى الْيَصْبُرِ الْقَيِّ مَرَّةً وَ أُغَيْرُ

٤ـ لَوْ كُنْتَ أَجْمَعْتَ الْقَرارَ، لَوَطِئْتَ
إِنَاثَ أُعِدَّتْ لِلْوَغَى وَ ذُكُورُ

٥ـ وَ مَا دَخَلَتْ خَيْلُ السَّكَاسِكِ أَرْضَنَا
وَلا كَانَ مِنْ عَكٍّ عَلَيَّ أَمِيرُ

٦ـ وَلا كُنْتَ لِلْعَبْدِ الْمُزَوْنِيِّ تَابِعاً
فَيَا لَكَ دَهْرٌ بِالْكِرامِ غَدُورُ (١)

[(چا ٻنو مروان گهراڻو (يعني خليفو سليمان) منهنجي مڪمل وناداري وساري چڪو آهي، حالانڪ آءٌ پنهنجي ڪسيل حقن تي صابر آهيان! (٢) مون سندن واسطي نيزن جي حملن سان (ايران جي شهر) سابور ۽ (اوپر طرف) سرحد هند (مڪران) جي وچ وارو ملڪ فتح ڪيو، ۽ (٣) ۽ ٻئ سندن واسطي (ايران ۾) جرجان کان

---

(١) مرزباني (معجم، ص ٤١٢) محمد بن قاسم جا هي جملي چيل بيت (پوين ٽن بيتن جي روايت ٽوري لفظي ڦير گهير سان) نقل ڪيا آهن. پويان ٽي بيت بلاذري (فتوح البلدان، ص ٤٤١) توڙي ابن الاثير (٤ × ٢٨٢) نقل ڪيا آهن ۽ بلاذري جي روايت موجب هت ڏنا ويا آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چين (جي طرف) وارو وڃون علائقو نيزن سان سلسل حملا ڪندي فتح ڪيو. (۴) (هت سنڌ ۾) جيڪڏهن آءٌ (سنڌن خلاف) بيهي مقابلي ڪرڻ جو فيصلو ڪريان ها، تہ جيڪر ڪيترائي، جنگي مرد ۽ عورتون تباهہ ٿي وڃن ها؛ (۵) ۽ ڪي سڪسڪي فوجون اسان جي حد ۾ داخل ٿين ها ۽ ڪي "عڪ" قبيلي جو هڪ شخص منهنجي مٿان حڪم هلائي ها؛ (۶) ۽ وري هڪ مزولي غلام (يعني معاويه بن مهلب) جو اڃ تابع ٿيان ها. ۽ واءِ اي زمانا! تنهنجون چگن ڪي چوٽون!!!]

محمد بن قاسم پنهنجي انهن شعرن ۾ جي جذبات ظاهر ڪيا آهن تن مان صاف طور هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا تہ:-

محمد بن قاسم کي حاڪم گهرائي سان سندس وفاداري ۽ پورو پروسو هو انهيءَ ڪري ڪيس خليفي طرفان ڪنهن بہ ايذاءَ جو انديشو ڪونہ هو. سندس اهڙي پروسي لاءِ سبب هيءُ هڪ تہ، محمد بن قاسم ۱۵- ورهين جي ننڍي عمر ۾ ايران طرف فوجي ڪمانڊر مقرر ٿيو جتي ڪُرد قبيلن جي فسادن کي ڏنائين، ساپور ۽ جرجان طرف وارا علائقا فتح ڪيائين (جيڪن تہ سندس شعر مان ظاهر آهي)، شيراز جو شهر ٻڌائي ان کي حڪومت جي گادي ۽ واپار جو مرڪز بنايائين، ۽ آخر ۾ "ري" جي شهر تي حملي لاءِ پنهنجي فوج تيار ڪري ڪيائين (۱) جو ڪيس

---

(۱) محمد بن قاسم صرف ٻن سالن اندر ايران ۾ اهي ڪارنامہ ڪيا جن جي تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو انگريزي ۾ لکيل مضمون بعنوان "محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شخصيت جو مطالعو"، اسلامڪ ڪلچر، بابت ماهہ آڪٽوبر ۱۹۵۳ع، حيدرآباد دکن، ص ص ۲۵۱—۲۵۵.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي فتح لاءِ ڪمانڊر - اِن - چيف مقرر ڪيو ويو ۽ اتان شيراز ۽ ان هو سڌو سنڌ طرف روانو ٿيو ۽ سندس باقي وقت سنڌ جي فتوحات ۾ صرف ٿيو. هڪ ڪامياب فوجي ڪمانڊر جي انهن مشغولين ۽ مرڪزي حڪومت جي سياسي دائري کان دوري سبب محمد بن قاسم جو مرڪزي سياست سان ڪوبہ واسطو ڪونہ رهيو هو ۽ انهيءَ ڪري مرڪزي سياسي سازشن کان سندس دامن پاڪ هو. ٻيو ته جيتوڻيڪ اهو ثابت آهي ته حجاج طرفان ڪيس سليمان جي بيعت ترڪ ڪرڻ جو خط ڇڏيو هو، مگر اهو ثابت ناهي ته محمد بن قاسم ان تي ڪو عمل ڪيو. غالباً اهو خط حجاج پنهنجي حياتيءَ جي آخرين ڏينهن ۾ لکيو ۽ محمد بن قاسم تائين انهيءَ خط پهچڻ واري عرصي ۾ شديد هو بيمار ٿيو ۽ اڃا محمد بن قاسم انهيءَ خط تي عمل ڪري ڪونہ ڪيو جو حجاج گذاري ويو. جيڪڏهين محمد بن قاسم خليفي سليمان جي بيعت ترڪ ڪري ها ته هنن شعرن ۾ پنهنجي مڪمل وفاداري جو دم نہ ڀري ها. ٽيون ته غالباً پنهنجي ڏيوڙي جي ڏن ۽ فوجي ڪارروائين ۾ پوري مشغولي سبب محمد بن قاسم کي مرڪزي سياست طرف خاص توجهہ نہ رهيو، ۽ هزار ڪوهہ دور رهڻ سبب حجاج جي پيدا ڪيل دشمنين جو به ڪيس صحيح علم ڪونہ هو، انهيءَ ڪري لٽين خليفي طرفان انتقام جو ڪيس انديشو نہ رهيو. انهيءَ ڪري محمد بن قاسم پنهنجي معزولي جي حڪم جي بنا چون چرا جي تعميل ڪئي ۽ اڇي سنڌ جي ٽئين مقرر ڪيل گورنر جي اڳيان پاڻ کي پيش ڪيائين.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۲) سندس انهن شعرن سان ٻيو اهو ثابت ٿئي ٿو تہ محمد بن قاسم پنهنجي وفاداري ۽ فرمانبرداري جو ثبوت ڏنو ۽ آڇي پيش ٻيو ۽ کيس اميد هئي تہ ساڻس برو برتاءُ ڪيو ويندو. پر جڏهين کيس انتقامي ڪارروائين جو خدشو هجي ها ۽ هو مخالفت ۽ مقابلي جو فيصلو ڪري ها تہ کيس مقابلي جي پوري طاقت هئي. انهيءَ حالت ۾ شاهي فوج جا ڪافي ماڻهو مرن ها ۽ نئين گورنر ابو ڪبشة سکسڪي جي فوج سنڌ ۾ داخل ٿي ڪانہ سگهي ها: نڪي هو محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري سگهن ها، نڪي عڪ قبيلي جو هٿ رواجي ماڻهو سندس مٿان نگران ٿئي ها ۽ نڪي معاويہ بن مهلب جهڙي مزوني (ازد قبيلي جو) غلام جو محمد بن قاسم تابع بنجي ها. محمد بن قاسم جي انهيءَ نظريي ۾ صداقت هئي. سنڌ هڪ دور افتاده ۽ سرڪٻو هو جتي مرڪزي طاقت جو زور ڏکيو هلي سگهي ها. اڳانسواءِ محمد بن قاسم پنهنجي اهليت ۽ لياقت سبب نہ صرف پنهنجي عرب فوجن ۾ مقبول هو مگر پنهنجي رواداري، صلح ۽ انصاف واري پاليسي سان ملڪ جي مقامي حڪمرانن، آفيسرن ۽ عوام کي ۾ همدرد ۽ دوست بنائي ڇڏيو هٿائين انهيءَ ڪري سندس فوج خواه مقامي باشندا ساڻس هانهن ٻيلي ٿي بيهن ها.

باوجود انهيءَ طاقت ۽ مقبوليت جي محمد بن قاسم بغاوت کان منهن موڙيو ۽ فرمانبرداريءَ سان پيش ٻيو. کيس گرفتار ڪري قيد ڪرڻ بعد شاهي آفيسرن يقيني طور ساڻس انتقامي ڪارروائي ڪئي. عراق جي نئين وائسراءِ يزيد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن مهلب جو پٹاءُ معاويه بن مهلب، جنهن کي خاص طور محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ لاءِ موڪليو ويو، سو محمد بن قاسم کي ڪل پارائي هٽڪڙيون هڻي وٺي روانو ٿيو (١). محمد بن قاسم جي اهڙي بيعزتي ۽ ڪيس اهڙيءَ ريءَ برتاءُ سان ٻڌي وٺي وڃڻ واري حادثي ملڪ جي مقامي باشندن کي بہ سخت صدمو پهچايو. بلاذري لکي ٿو تہ انهيءَ تي هندستان وارا رنا ۽ گجرات جي شهر ڪيرا ۾ محمد بن قاسم جي يادگار ۾ سندس تصويرون بناياٿون (٢).

محمد بن قاسم کي انهيءَ گرفتاري واري حالت ۾ هن انتقامي ڪارروائي جي پرواهہ ڪانہ هئي، مگر هن ٽئين حڪومت جي اهڙي غير دانشمندانہ پاليسي تي ڪيس افسوس ٿيو، ۽ همعصر شاعر عبدالله بن عمر العرجي جو (٣) هيٺيون شعر مثال طور پڙهيائين (٤) تہ:-

آضاعُوْنِيْ وَ آيَّ فَتًى آضاعُوْا
لِيَوْمِ كَرِيْهَةٍ وَ سِدَادِ ثَغْرٍ

---

(١) يعقوبي (٣٥٦X) غلطي وچان معاويه بن مهلب جي بدران حبيب بن مهلب لکيو آهي؛ مگر محمد بن قاسم سان سندس ڪيل برتاءُ بابت چوي ٿو تہ "البسه المسوح وقيده وحبسه". بلاذري (فتوح البلدان ص ٤٢٥) صحيح طور معاويه بن مهلب جو نالو ڄاڻايو آهي.
(٢) بلاذري فتوح البلدان، ص ٤٣٤. (٣) بتصديق آغاني جلد ١٥، ص ٢٠؛ حريري، دُرّة الغواص ص ٦٧؛ ۽ خفاجي، شرح درة الغواص. (پوبان ہ حوالا بشڪريہ استاد عبدالعزيز ميمڻ سابق پروفيسر ۽ صدر شعبہ عربي، مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ) (٤) ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص ٤٣٤ ۽ ابن الاثير ٤ X ٢٦٠. هنن ٻنهي ڪتابن ۾ شاعر جو نالو ڏنل ڪونهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

يعني ته: مون کي وڃايائون، ۽ کهڙي نه جوانمرد کي هٿان وڃايائون، (جـو جنگ واري) کنهن ڏکيئي ڏينهن ۽ سرحد جي بچاء لاء (کم اچين ها)!

مگر سليمان ۽ سندس صلاحڪارن جي انتقامي جذبـي ملکي ۽ قومي مصلحت کي کونه ڏنو ۽ مردن جو قـدر کونه ڪيو. آفريقا جو فاتح موسيٰ بن نصير، چين جو فاتح قتيبة بن مسلم، ۽ سنڌ ۽ هند جو فاتح محمد بن قاسم ٽيئي نون حڪمرانن جي شديد تعصب ۽ انتقام جو شڪار ٿي وياء معاويه بن مهلب پنهنجي قيدي محمد بـن قـاسم کي وڃي عراق جي وائسراء جي مرڪزي شهر 'واسط' ۾ عراق جي رويني آفيسر صالح بن عبدالرحمان جي آڏو پيش ڪيو جنهن کي خاص طور حجاج جي قبيلي 'آل ابي عقيل' جي مائهن کي قيد ۾ چيچلائي مارڻ جو ڪم سپرد ٿيل هـو. صالح پنهنجي هنن قيدين کي عذاب ڏيـڻ لاء هڪ خاص آفيسر مقرر ڪيو ۽ جيئن ته عراق جي نئين وائسراء يزيد بن مهلب کي خاص طرح حجاج جي سائس ڪيل دشمنين ۽ ظلمن جو بدلو ونڻو هو انهيءَ ڪري غالباً سندس خوشنودي خاطر ٿي صالح هنن قيدين کي عذاب ڏيڻ لاء يزيد جي پاءُ عبدالملڪ بن مهلب کي مقرر ڪيو (١). مگر اهي قيد و بند ۽ عذاب محمد بن قـاسم جهڙي جوانمرد جي همت ۽ حوصلي کي ڏوڙي نه سگهيا، ۽ انهيءَ بيوسيءَ جي حالت ۾ به هي شعر چيائين ته:

---

(١) طبري ٢ × ١٢٨٣، ابن خلدون ٣ × ٦٨، ۽ ابن خلڪان، عربي متن ٢ × ٢٧١ ۽ انگريزي ترجمو IV/183.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فَلَثَنِيْ ثَوَيْتُ بِوَاسِطٍ وَ بِارْضِهَا
رَهْنَ الْحَدِيْدِ مُكَبَّلاً مَغْلُوْلاَ
فَلَرُبَّ نِيْتَةِ فَارِسٍ قَدْ رَعْتُهَا
وَلَرُبَّ قَرْنٍ قَدْ تَرَكْتُ قَتِيْلاَ (١)

يعني تہ: "(هن وقت) جيتوڻيڪ آءٌ شهر واسط ۾ ان جي سر زمين ۾ لوهه جي قيدن کڙولن ۾ بدل ۾ جکڙيل آهيان تہ به (کو وقت هو جو) مون ايران جي ڪيترن ئي شهسوارن کي زهر ڪيو، ۽ ڪيترن ئي پنهنجي جوڙ جيس پهلوانن کي ماري مات ڪيو."

مگر جيئن تہ صالح کي محمد بن قاسم ۽ ٻين کي سخت عذاب ڏيئي چيچلائي مارڻو هو، انهيءَ ڪري واسط جي هن هيبتناڪ قيدخاني ۾ ئي محمد بن قاسم پنهنجي همت ۽ حوصلو قائم رکندي، صبر ۽ شڪر سان پنهنجي جان بحق تسليم ڪئي. قيرائن مان چئي سگهجي ٿو تہ اهو المناڪ حادثو سنه ٩٦ هـ/ ٧١٥ع جي پوئين نصف ۾ واقع ٿيو. بهرحال محمد بن قاسم جي اهڙا دردناڪ پڇاڙي مرڪزي سياست ۾ آيل ڦيري ۽ نون حڪمرانن جي بي انتها انتقامي جذبي سبان ٿي جنهن جو ڏاهر جي ڏيئرن واري منگهڙت انساني سان کوبہ تعلق کونہ هوء (ن. ب)

٣٦٨ / [٢٤٧] مخطوص کتاب: منهاج الدين.....
عين انملک: متن ص ٣٦٨ جي حاشيہ ـ ١ ۾ وضاحت ڪئي

(١) بلاذري، فتوح البلدان ص ٤٢٤؛ ابن الاثير ٤ ٨٢×.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڻي آهي تہ هي سڄو عنوان آهي، ۽ نسخي ن ۾ ٻہ اهو سڄو فقرہ عنوان طور ڏنل آهي. مگر فارسي ايڊيشن [ص ٢٤٧] ۾ هن سڄي فقرہ جي بدلي محض 'مخلص کتاب' کي عنوان طور ڏنو ويـو آهي، جنهنکري هيٺين عبارت ۾ مونجهارو پيدا ٿيو آهي ۽ انهيءَ کري فاضل ايڊيٽر هـن سڄي فصل کي 'مضطرب ۽ مخرب' قرار ڏنو آهي.

ٻيو تہ هن عنوان هيٺ، فارسي مترجم علي کوفي هن پنهنجي فارسي ۾ ترجمي کيل کتاب لاءِ جو نالو لقب طور انتخاب کيو آهي، ان جو ذکر کيو آهي، ۽ اصل کتاب جو عربيءَ ۾ هو، تنهن ڏانهن اشارو کيو آهي، ۽ ان کي فارسي زبان جي رنگين عبارت ۾ ترجمي کرڻ جي ضرورت بيان کئي آهي. انهيءَ کري ظاهراً هن عنوان جي مراد آهي 'مخلص کتاب فـلان'. انهيءَ لحاظ سـان "منهاج الدين و الملک، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملک" باوجـود ڊيگهہ جي هن فارسي ترجمي جو مترجم طرفان انتخاب کيل لقب آهي. فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر هن لقب جي پوئين حصي يعني "الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملک" کي هيٺين عبارت ۾ زائد سمجهي متن مان خارج کري ڇڏيـو آهي، حالانکہ سڀني نسخن ۾ اهو سڄو لقب موجود آهي.

کتاب جي جملي قلمي نسخن ۾ هن عنوان واري فقرہ جو شروع وارو لفظ 'منهاج الدين' جي بدران 'سماء الدين' ڏنو ويـو آهي. مگر هن عنوان جي هيٺ جا عبارت آهي، ان ۾ جملي قلمـي نسخن مطابـق اهـو شروع وارو لفظ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"منهاج‌الدين" آهي، انهيءَ کري اسان انهيءَ هيٺين صاف عبارت جي بناء تي عنوان ۾ پڻ "سماء الدين" جي بدران "منهاج الدين" کي ترجيح ڏيئي رکيو آهي. برٽش ميوزيم جي قلمي نسخن ۾ "منهاج الدين" ۽ "منهاج الدين والملک" پڙهڻين جي بناء تي ريو (Rieu) هن ڪتاب جا اهيئي نالا تسليم ڪري ٿو (ڏسو فهرست ريو، جلد ٣ ص ٩٤٩ - No. 435).

ٻيو ته هن عنوان واري فقره جو آخري لفظ، ڪتاب جي الهن قلمي نسخن مطابق جي فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر جي زبردست مطالعي هيٺا، "عين الملک" جي بدران "علاء الملک" آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن، ص ٢٤٧، حاشيه ١٥) مگر فاضل ايڊيٽر "علاء الملک" جي بدران "عين الملک" پڙهڻي کي قرين قياس سمجهي اها پڙهڻي اختيار ڪئي آهي. نسخي ن جي پڙهڻي صاف طور "عين الملک" ئي آهي ۽ انهيءَ کري اسان پڻ انهيءَ پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. ڪافي وٿوق سان چئي سگهجي ٿو "عين الملک" اصلي ۽ صحيح پڙهڻي آهي. جاڪاڻ ته ڪاتب جي شروع ۾ ص ص ١٥-١٦ / [١١-١٢] تي مترجم علي ڪوفي هن پنهنجي ترجمي ٿيل ڪتاب کي پنهنجي مربين، هڪ مرحوم وزير شرف الملک رضي الدين ابوبکر بن محمد الاشعري ۽ سندس زندهه فرزند وزير عين الملک فخرالدين حسين بن ابي بکر الاشعري، ڏانهن منسوب ڪيو آهي. ڪتاب جي ترجمي پوري ڪرڻ وقت وري ڪو خيال آيس جو هن ترجمي کي پنهنجي زندهه مربي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وزير عين الملک" جي خوشنودي خاطر سندس نالي ٻوڌڻ ان "منهاج الدين و الملک، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملک" جو لقب ڏنائين.

هت اهو نقطو سمجهڻ ضروري آهي ته "منهاج الدين .... عين الملک" کتاب جو "لقب" آهي ۽ نه نالو. خود مترجم اصلي فارسي متن [ص ٢٤٧] ۾ "ملقب است" جا الفاظ استعمال کيا آهن ۽ نه "مسمي است". ٻيو ته هن لقب ۾ مترجم جي مربي وزير عين الملک جو خطاب ڪم آندل آهي جنهن سان ظاهر آهي ته هيءَ لقب خود مترجم پنهنجي هن کيل فارسي ترجمي لاءِ ايجاد ڪيو آهي ۽ اهو ڪو هن کتاب جو اصل لقب ڪونهي.

مترجم طرفان سندس ترجمي لاءِ ايڏو ڊگهو لقب جو "منهاج الدين و الملک" جهڙن وڏن لفظن سان شروع ٿئي ٿو، البت تعجب خيز آهي. مگر مٿي ص ٣٧٢ تي، نوٽ ص ١٣ / [٩] هيٺ، هن حقيقت طرف اشارو ڪيو ويو آهي ته مترجم جي ڏينهن ۾ اهڙن لقبن جو جن جي آخر ۾ "دين" هجي، ٿئ جو وڏو چلاڻ هو. انهيءَ ڪري مترجم هر موقعي تي پنهنجي طرفان انهيءَ قسم جا لقب استعمال ڪيا. چنانچ محمد بن قاسم لاءِ "عماد الدين" ۽ "ڪرم الدين" جا لقب ايجاد ڪيائين، حالانڪ محمد بن قاسم جو ڪنيه "ابو البهار" هو جنهن کان مترجم بيخبر هو. ساڳيءَ طرح ص [١٢] تي مترجم نبي صلعم جي اصحابي حضرت ابوموسيٰ الاشعري رضه لاءِ "ڪريم الدين" جو لقب استعمال ڪيو آهي؛ ص [٢٣٥] تي محمد بن قاسم طرفان مقرر ڪيل قاضي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موسيٰ بن يعقوب لاءَ "برهان الملة و الدين" جو لقب اختيار ڪيو اٿس؛ ۽ ص [٩] تي هن قاضي جي اولاد مان قاضي اسمٰعيل لاءَ "ڪمال الملة و الدين" جو لقب آندو اٿس. سندس لقببازيءَ جي انهي شغف ۽ شوق، مترجم علي ڪوفي ڪي هن ڪتابن فارسي ترجمي لاءَ پڻ "منهاج الدين و الملڪ، الحضرة الصدر الاجل العالم عمدن الملڪ" جهڙي دڳهي لقب ايجاد ڪرڻ تي آماده ڪيو، جنهن ۾ عام مروج لقبن واري خوبي توڙي سندس مربي وزير عين الملڪ جي خوشنودي، پئي سمايل هيون. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ا ـ كتابن جي نالن جي فهرست

["اشارن ۽ واڌارن" ۽ متن جي حاشين ۾ جن کتابن جا حوالا مصحح (ن ـ ب) طرفان ڏنل آهن، تن جا سڄا نالا الف ـ بي وار ترتيب موجب هن فهرست ۾ ڏنا ويا آهن. جهڙيءَ طرح سان حاشين ۾ کتاب جو حوالو، مصنف يا کتاب جي نالي سان ڏنو ويو آهي، اهڙيءَ طرح فهرست ۾ به، ان جي شروعات ڪئي وئي آهي اکثر کتابن جي شروعات مصنفن جي نالن سان ڪئي وئي آهي وڌيڪ سڃاڻپ خاطر هر عربي کتاب آڏو "ع"، فارسي کتاب آڏو "ف" ۽ انگريزي کتاب آڏو "گ" جون نشانون قائم ڪيون ويون آهن. انگريزي کتابن جا نالا فهرست ۾ ترجمو ڪري رکيا ويا آهن. (ن.ب)]

ع ۱. الاصفهاني: کتاب الاغاني، قاهره ۱۳۲۳ هـ.

ع ۲. الآمدي: المؤتلف والمختلف، تصحيح سالم کرنکوي (Krenkow)، قاهره.

ع ۳. الاخبار الطوال، مطبع بريل، ليدن (هالنڊ) ۱۸۸۸ع.

ع ۴. ابن الاثير: کتاب الکامل في التاريخ، مطبع بولاق.

ف ۵. ابن حامد کرماني: تاريخ کرمان "عقدالعلي للموقف الاعلي"، طهران ۱۳۱۱ شمسي.

ع ۶. ابن حجر عسقلاني: کتاب الاصابة في تمييز الصحابة، ڏهن جلدن ۾، قاهره ۱۳۲۸ هـ.

ع ۷. ابن حزم: جمهرة انساب العرب، قاهره ۱۹۴۸ع.

ع ۸. ابن حوقل: کتاب المسالک و الممالک، مطبع بريل، ليدن ۱۸۷۲ع.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ٩. ابن خرداذبه: كتاب المالسك والممالك، ليدن.
ع ١٠. ابن خلدون: تاريخ - كتاب العبر - الخ، قاهره ١٢٨٤ هـ.
ع ١١. ابن خلكان: وفيات الاعيان، عربي متن، المطبعة الميمنية، قاهره ١٣١٠ هـ (٢) انگريزي ترجمه دسلين (Da Slane)، پئرس - لندن، ٧١-١٨٤٣ع.
ع ١٢. ابن دريد: كتاب الاشتقاق، غوتنجن، جرمني، ١٨٥٤ع.
ع ١٣. ابن رسته: كتاب الاعلاق النفيسة، ليدن، ١٩٠٤ع.
ع ١٤. ابن عبدربه: العقد الفريد، قاهره ١٣٠٢ هـ.
ع ١٥. ابن عساكر: التاريخ الكبير، دمشق ١٣٣٢ هـ.
ع ١٦. ابن قتيبة: طبقات الشعر والشعراء، ليدن، ١٩٠٤.
ع ١٧. ابن قتيبة: عيون الاخبار، دارالكتب، قاهره ١٩٢٥ع.
ع ١٨. ابن قتيبة: كتاب المعارف، غوتنجن، ١٨٥٠ع.
ع ١٩. ابن الوردي: خريدة العجائب، قاهره، ١٢٨٥ هـ.
ع ٢٠. ابوحيان التوحيدي: كتاب الامتاع و المؤانسه، قاهره ١٩٤٢ع.
ع ٢١. ابوزيد: كتاب النوادر، طبع بيروت.
ع ٢٢. ابو علي القالي: (١) كتاب الامالي، (٢) ذيل الامالي، طبع دارالكتب، قاهره.
گ ٢٣. اسلامک كلچر (مخزن)، حيدرآباد دكن: مقالات نبي بخش خان بلوچ -
١- "هندستان تي اوائلي عرب حملن جو سن تاريخ"، ماهم جولاء ١٩٤٦ع.
٢- "ديبل جو ممكن محل وقوع"، ماهم جولاء ١٩٥٢ع.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣٣. "محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شخصيت جو مطالعو"، ماهر آڪٽوبر ١٩٥٣ع.
ع ٢٤. الاصطخري: كتاب مسالك الممالك، لندن ١٨٧٠ع.
گ ٢٥. امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا، جلد ١٤، لندن ١٩٠٨ع.
گ ٢٦. ايليٽ ۽ ڊائوسن: هندستان جي تاريخ، مقامي مؤرخن جي زباني، جلد اول، لندن ١٨٦٧ع.
ع ٢٧. بخاري: التاريخ الكبير، حيدرآباد دكن، ١٣٦١ هـ / ١٩٤٢ع.
ع ٢٨. البدء والتاريخ، تصنيف ابوزيدالبلخي، پئرس ١٩٠٧ع.
ع ٢٩. بلاذري، احمد بن يحيي: انساب الاشراف (١) جلد ٤-٥، طبع جيروسلم (٢) جلد ١١ عكس، طبع يورپ.
ع ٣٠. بلاذري: فتوح البلدان (١) طبع لندن ١٨٦٦ع (٢) طبع قاهره، ١٣٥٠ هـ / ١٩٣٢ع.
ع ٣١. بيروني: كتاب الهند، (١) عربي متن تصحيح سخاؤ، (٢) انگريزي ترجمو سخاؤ، لندن، ١٨٨٨ع.
ع ٣٢. بيروني: كتاب الجماهر في معرفة الجواهر، دائرة المعارف، حيدرآباد دكن، ١٣٥٥ هـ.
گ ٣٣. پوسٽنس، ڪيپٽن: سنڌ بابت ذاتي رايا، لندن ١٩٤٣ع.
ع ٣٤. تاج العروس، مشهور عربي لغت، طبع قاهره.
٣٥. تاريخ بيهق، تصنيف بيهقي معروف بابن فندق، طهران ١٣١٧ شمسي.
ف ٣٦. تاريخ گزيده، حمدالله مستوفي، گب ميموريل، لندن.
ف ٣٧. تاريخ نامه هرات، تاليف هروي، ڪلڪته ١٩٤٣ع.
ع ٣٨. تقي الدين حموي: ثمرات الاوراق فيما طاب من نوادر الادب وراق، قاهره ١٣٠٢ هـ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ف ٣٩. تحفة الكرام، جلد ٣، مطبع ناصري، دهلي.

ع ٤٠. جاحظ: رسالة في بني امية (مطبوعه في آخر "كتاب النزاع و التخاصم" للمقريزي)، قاهره.

ع ٤١. جاحظ: كتاب البيان و التبيين، قاهره ١٣٤٥/١٩٢٦ع.

ع ٤٢. جاحظ: كتاب الحيوان، قاهره ١٣٢٤ هـ/١٩٠٦ع.

ع ٤٣. الجهشياري: كتاب الوزراء والكتاب. قاهره ١٩٣٨ع.

ع ٤٤. جواليقي: كتاب المعرب من الكلام الاعجمي علي حروف المعجم، لپزگ ١٨٦٧ع.

ع ٤٥. حافظ عبدالغني: كتاب مشتبه النسبة، الله آباد، ١٣٢٧هـ.

ف ٤٦. حدود العالم من المشرق إلي المغرب، طهران ١٣٥٢ شمسي.

ع ٤٧. حريري: دُرّة الغواص، مطبع الجوائب، استنبول، ١٢٩٩ هـ.

ع ٤٨. حمزه اصفهاني: سني ملوك الارض والانبياء، كاويهاني پريس، برلن.

ع ٤٩. خطيب تبريزي: كتاب تهذيب الالفاظ، بيروت ١٨٩٥ع.

ع ٥٠. الخفاجي: شرح درة الغواص، مطبع الجوائب، استنبول، ١٢٩٩ هـ.

ع ٥١. الخفاجي: شفاء العليل فيما في كلام العرب من الدخيل، قاهره ١٢٨٢ هـ.

ع ٥٢. الدميري: حياة الحيوان، قاهره ١٣١٩ هـ.

ع ٥٣. ديوان رؤبة بن العجاج، برلن ١٩٠٣ع.

ع ٥٤. ديوان عامر بن طفيل، گب ميموريل، لندن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ٥٥. ديوان فرزدق، (١) طبع پئرس ١٨٧٠ع (٢) طبع قاهره ١٣٥٤ھ/١٩٣٦، (٣) طبع ميونچ ١٩٠٠ع.

گ ٥٦. ڈان اخبار، ڪراچي مؤرخ ٢٩- اپريل ١٩٥١ع.

گ ٥٧. راورٽي: سنڌ جو مهراڻ ۽ ان جون شاخون، جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال، ڪلڪته ١٨٨٢ع.

گ ٥٨. ري: اتر ـ اولهه هندستان جي گهراڻن وار تاريخ، ڪلڪته ١٩٠٦ع.

ع ٥٩. سمعاني: كتاب الانساب، گب ميموريل، لنڈن.

ع ٦٠. سمط اللالي، صنع عبدالعزيز الميمني، قاهره ١٣٥٤ھ/١٩٣٦ع

ع ٦١. سيوطي جلال الدين: تاريخ الخلفاء، مطبع منيريه، قاهره ١٣٥١ع.

گ ٦٢. سيوطي جلال الدين: كشف الصلصلة عن وصف الزلزلة، انگريزي ترجمو اي. سپرنگر، جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، سال ١٨٤٣ع.

ع ٦٣. شذارت الذهب في اخبار من ذهب، تاليف ابن عماد الحنبلي، قاهره ١٣٥٠/١٩٣١ع.

ع ٦٤. طبري، ابو جعفر محمد بن جرير: تاريخ الرسل و الملوك، مطبع بريل، ليڈن.

ع ٦٥. طبري، ابوجعفر محمد بن جرير: ذيل المذيل من تاريخ الصحابه والتابعين، تاريخ طبري جلد ٣ جي آخر ۾ ڇپيل، ليڈن.

ع ٦٦. العسكري: ديوان المعاني، قاهره ١٣٥٢ ھ.

ع ٦٧. عمادالدين: عيون الاخبار (قلمي).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ٦٨. عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب، تاليف احمد بن علي الداؤدي، بمبئي ١٣١٨ هـ.
ع ٦٩. العيون و الحدائق في اخبار الحقائق، ليدن ١٨٦٥ع.
گ ٧٠. فرشة: تاريخ فرشة، انگريزي ترجمه، برگس.
ع ٧١. قدامة بن جعفر: كتاب الخراج، مطبع بريل، ليدن.
ع ٧٢. قلادة النهر في وفيات اعيان الدهر، (قلمي نسخو كتبخانو پير جهنڈو).
ع ٧٣. قلقشندي: صبح الاعشي، مطبعة اميريه، قاهره.
ع ٧٤. الكتبي: فوات الوفيات، قاهره ١٢٨٣/١٢٩٩ هـ.
گ ٧٥. كزنس هينري: سندّ جا آثار قديمه، كلكته، ١٩٢٩ع
ع ٧٦. كنيگهام: هندستان جي قديم جاگرافي، كلكته، ١٩٢٤ع.
گ ٧٧. لانگوَرث، ڈيمس: بلوچ قوم، راءل ايشياٹک سوسائٹي، لنڈن ١٩٣٤ع.
ع ٧٨. اللسان: لسان العرب، مشهور عربي لغت، طبع قاهره.
ع ٧٩. المبرد: الكامل في الادب، لپزگ ١٨٦٤ع.
ف ٨٠. مجمل التواريخ و القصص، طهران، ١٣١٨ شمسي.
ع ٨١. المحاسن والمساوي، تصنيف البيهقي، قاهره ١٣٢٥هـ/١٩٠٦ع
ع ٨٢. محاضرات راغب اصفهاني، قاهره ١٢٨٢ هـ.
ف ٨٣. محب الله بكري: تاريخ سندّ (قلمي نسخه مولانا محمد ابراهيم گڑهي ياسيني).
ع ٨٤. محمد بن حبيب: كتاب المحبر، حيدرآباد دكن.
ع ٨٥. مرزباني: معجم الشعراء، تصحيح سالم كرنكوي، قاهره ١٣٥٤ هـ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ٨٦. المسعودي: التنبيه والاشراف، ليدن، ١٨٩٤ع.
ع ٨٧. المسعودي: مروج الذهب، پئرس ايديشن.
ع ٨٨. معصومي: تاريخ معصومي، تاليف مير محمد معصوم، تصحيح شمس العلماء ع. م. داؤد پوتا بمبئي ١٩٣٨ع.
ع ٨٩. مقدسي: احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم، ليدن ١٨٧٧ع.
ع ٩٠. مقدسي، محمد بن طاهر: جمع بين رجال الصحيحين، حيدرآباد دكن، ١٣٢٣ هـ.
ك ٩١. مقدمه جوامع الحكايات، ڈاكٹر نظام الدين، لندن ١٩٣٩ع.
ع ٩٢. منقري، نصر بن مزاحم: كتاب الصفين، طهران.
ك ٩٣. مونير ـ وليم: سنسكرت ـ انگلش ڈكشنري، آكسفورڈ ١٨٩٩ع.
ع ٩٤. نقائض جرير والفرزدق، ليدن ١٩٠٨ـ١٢ع.
ع ٩٥. النويري: نهاية الارب، دارالكتب، قاهره.
ع ٩٦. همداني، ابن الفقيه: كتاب البلدان، ليدن، ١٨٨٥ع.
ك ٩٧. هوڑي والا، هندي ـ مسلم تاريخ بابت مطالعات، بمبئي ١٩٠٩ع.
ك ٩٨. هيگ، ميجر جنرل: سندو جي دوآبي وارو ملك، لندن ١٨٩٤ع.
ع ٩٩. اليعقوبي: تاريخ ابن الواضح اليعقوبي، ليدن ١٨٨٣ع.
ع ١٠٠. ياقوت: كتاب المشترك و صفا و المفترق صقعا، غوتنجن، ١٨٤٥ع.
ع ١٠١. ياقوت: معجم البلدان، ايڈيٹ ووسٹنفيلڈ، ليپزگ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۲ـ ماڻهن جي نالن جي فهرست

آبان بن حجاج ۴۴۲
آدم نبي ۳
آدم (بني عبدالرحمان) ۴۵۰
آري پير ۴۴۸
ابراهيم بن عبدالله امام ۲۱۵، ۴۸۰، ۴۸۱
ابن الاثير ۳۷۴، ۴۴۶، ۴۴۷، ۵۳۹
ابن الاشعث (پڙ ڏسو عبدالرحمان) ۴۵۲، ۵۴۰
ابن الاعرابي ۵۳۰
ابن بطوطه ۳۸۱
ابن حامد، كرماني ۴۲۹
ابن حجر ۴۲۸، ۴۷۸
ابن حزم ۴۵۵، ۵۰۵، ۵۱۵
ابن حوقل ۳۷۴، ۳۷۹، ۳۸۵، ۳۹۸، ۴۰۳، ۴۱۶، ۵۲۸–۲۹، ۵۳۱
ابن خرداذبه ۳۸۴، ۵۳۱
ابن خلاص البكري ۱۱۲
ابن خلدون ۱۰۵، ۴۵۲، ۴۵۳، ۴۸۱، ۵۳۹
ابن خاكان ۴۲۸، ۴۵۲، ۵۱۷، ۵۲۳، ۵۳۹
ابن دريد ۴۵۵، ۵۹۱
ابن رسته ۵۲۷، ۵۲۹، ۵۳۱
ابن زياد العبدي ۳۱۸، ۲۳ء
ابن سعيد ۳۹۱
ابن سلمه ۱۰۹
ابن سوار (پڙ ڏسو عبدالله) ۱۰۷، ۱۰۸، ۱۱۳
ابن شيبه جديدي ۳۱۹
ابن عساكر ۴۵۴
ابن علوان البكري ۳۲۰
ابن قتيبة ۱۰۹، ۴۲۹، ۴۳۴، ۴۳۶
ابن القريه ۴۲۹
ابن كنديرالقشيري ۴۳۰
ابن مره (سنان بن سلمه) ۱۱۳
ابن المعلي (منذر بن جارود) ۱۱۳، ۴۳۶
ابن مغيره ۱۳۷، ۱۴۳، ۱۵۰
ابن منظر بحري ۱۴۰
ابن الوردي ۵۳۱
ابو ايوب هاشمي ۲۷۸
ابوبكربن محمد (ڏسو شرف الملك)
ابوبكر الهذلي (ڏسو هذلي)
ابوالبهار (ڏسو محمد بن قاسم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابوالحسن[مدائني] ١٠٥، ١٠٧، ١٠٩، ١٣٣، ١٣٤، ٢٦١
ابو حكيم ٣٥٩، ٣٦٠
ابو زيد ٤٢٧
ابو صابر همداني ٢٥٢
ابو العاص ٩٨
ابو العاص بن الحكم ٤٩٣
ابوالعباس سفاح (خليفة) ٤٣٣
ابوعقيل ١٣١، ٤٤٠
ابو الفتح البستي (شاعر) ٥٢٣
ابوالفتح قباچه، ناصرالدين ٣٧٢
ابو فضة القشيري ٢٥٦، ٢٦٠، ٣٢٣، ٥١٣، ٥١٤
ابو الفضل ٣٨٢
ابو قيس ٢٧٠
ابوكبشه سكسكي ٥٥٠
ابوالليث (التميمي هندي) ١٦٤، ٢٦١
ابومحمد (ابن السيرافي) ٤٤٥، ٤٤٦
ابو محمد هندي ١٤٦، ٢٦٧، ٣٥٦، ٤٤٣
ابومسلم خرساني ٤٥٦
ابو مسهر عابي (؟) ٢٦٧، ٤٤٣
ابوموسي اشعري رضه ١٥، ١٦، ٩٨، ٩٩، ٣٧٧، ٥٥٦
ابي بن ارجن ٢٤٩
اجسين ٤٨
احمد ميان اختر، قاضي ١٥٩، ٢٢٢، ٢٨٢
احمد بن خزيمة ٣٥٩
احنف بن قيس ١٠٩، ٣٤٦، ٣٤٧
ادريسي ٣٧٩
اردشير ٢٩٧، ٤١٣
ازدي ٥١٥
اسحاق بن ايوب ٣٣، ١٣٧
اسرهيل ٢٥١
اسمٰعيل سومره، مخدوم ٤٨٢
اسمٰعيل بن اسلم ١٢١
اسمٰعيل بن علي ثقفي (قاضي) ١٣، ٣٧٥، ٥٧٥
اسود (راوي) ١٠٩
اسيار ٢٥١
اصطخري ٣٧٩، ٣٨٤، ٣٨٥، ٣٩٨، ٥٣١
اعورشني (شاعر) ٤٣٤
اكبر بادشاه ٤٧٩
اگهم (راجا) ٥٥، ٦٠، ٦٢، ٦٥، ٧٣، ٩٢، ٣٩٨، ٤٠٢، ٤٨٢، ٤٨٣
التتمش ٣٧٨
الله بخش خان مير ٤٠٩، ٤١١

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

امام علي شاهء ٥١٦
امير خان نواب ٤٣٨
اويس بن قيس ٢٤٦
ايوب بن حكم ٤٤٠
ايليٹ ٣٨٣، ٣٨٤، ٣٩٠-٣٩٢

ب

باڻ، راجا ٥١٥
باهلة بنت سعد ٥٠٥
بناير بن بجر ٢٣٣
بجار جوكيه ٣٨٩
بجهاري ٢٥١
بجهراء (راء گهراٹي مان) ٤٨، ٥٠
بجهراء بن چندر (ڈاهر جو سؤٹ) ١٦٨، ١٧١، ١٧٦، ٤٦٦، ٤٦٧، ٤٧٠
بجهراء طاكي ٣٥١، ٤٠٦
بجهراء (بجهراعطاكي جوڈوهٹو) ٣٥٢، ٤٠٦
بده ركو (پڙ ركو) ٥٨
بڈهي ورمن (ڈسو پڈي ڈرمن)
بديل بن طهفة ١٢٧، ١٣١، ١٣٥، ١٥٣، ١٥٨، ١٦٤، ٣٧٩، ٣٨٧، ٣٨٨، ٤٦٢، ٤٦٣، ٤٩٤
برنس ٣٨٣
بساس (بسباس) ٤١٥
برهاس بن كسائس ٦٩، ٧١، ٤٠٧
بساي پٹ راسل ١٨١، ٤٧٢
بشر بن خالد ١٣١
بشر پٹ ديول ٢٤٩
بشر بن زياد ١٢١
بشر بن عطية ٢٥٢
بشر بن عيسى ١٢٢
بشر بن منقذ (اعورشني) ٤٣٤
بكر بن وائل ١٤٤
بلاذري ٥، ١، ٢٧، ١٣٢، ١٤٢، ٣٧٣، ٣٧٦، ٣٧٨، ٣٨٧، ٣٨٨، ٣٩٨، ٣٩٩، ٤٢٥، ٤٢٩، ٤٣١، ٤٣٣، ٤٣٧، ٤٣٩، ٤٤٦، ٤٤٩، ٤٥١، ٤٥٤، ٤٥٧، ٤٦٠، ٤٦٢، ٤٦٤، ٤٦٥، ٤٧٣، ٤٧٤، ٤٧٩، ٤٨٥، ٤٨٩، ٥١٠، ٥١١، ٥٢٢، ٥٢٥
بلهرا ٣٤٤، ٥١٨
بواد شمني ٣٢١، ٥٠٢
بوران دخت ٤١٣
بهاؤالدين حسن ٣٧٨
بهمن اردشير ٩٣٦، ٣٩٧
بهندوير (پنڈوير) ٢١٩

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيروني ٢٩٥، ٣٧٥، ٣٧٩، ٣٨١،
٣٨٢، ٣٨٥، ٣٨٦، ٣٩٧، ٣٩٨،
٤٠٥، ٥٠٠، ٥٢٠، ٥٢٦،
٥٢٨، ٥٣١، ٥٣٢
بيل (بيان) ٢٥٠
بيلمان ٢٢٢، ٤٨٣

ب

پتر ٦١
پتر كو (بده ركو) ٥٨، ٤٠٧،
٤٠٨
پتيمن ٢٤، ٢٥، ٤٣، ٤٥، ٧٧،
٧٩، ٨١، ٨٦، ٨٨، ٩٠، ٩١،
٩٤، ٩٥، ٣٤٠، ٤٠٦
پتيٹو پت يمن ديول ٣٢٢، ٥١٢
پتي ورمن (بدهي ورمن) ٥١٣

پ

پنبركو پكو ٥٣
پنبركو شمني ١٦٧، ١٨٧
پيمن ١٧٣
پنبوير شمني ٢١٩

پ

پالنجر ٣٨٣، ٣٩٢
پرمل ديو ٣٦٣
پوسٹنس ٢٨٩
پهنو ٣٤٢
پير آري ٤٤٨
پير پلو ٣٨٢

ت

تراب ٢٢٩
تقي الدين حموي ٤٢٩
تميم بن زيد قيني ٢٥٧، ٢٦٠،
٢ ٣، ٤٨٨، ٤٨٩
تنوخي قاضي ٣٧٢
تورسينه

ث

ثابت قطنه (شاعر) ٤٥٠
ثاغر بن ذعر ١٠٢، ٤٣٠، ٤٣١
ثقيف ٢٧٧

ج

جاحظ ١٠٥، ٤٣٦، ٤٥٢
جاماسپ ١٨٧
جامبوت ٥٢٥
جامبوتي ٥٢٥
جان محمد، مير ٤١٠، ٤١١
جاهين ١٥١، ١٥٢، ١٩٠، ٢٠٨،
٤٥٧، ٤٧٣
جراح بن عبدالله ١٤٣، ٤٥٤
جسوم راء ٢٢٠
جعفر بن سليمان ٢٧٨، ٢٧٩
جعونة ١٤٧، ١٤٩
جعونة بن عقبه ١٦٤
جلال الدين خوارزم شاه ٣٧٩
جلم بن شيبان ٥٣٢

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنید ۴۵۷
جنید (خریم؟) بن عمرو ۳۲۳، ۵۱۴
جنبدیو ۵۲۵
جوبن، راجا ۳۵۵، ۳۵۷، ۵۲۵
جوٹو ۲۵۰
جوهري ۳۷۳
جهانگیر بادشاہ ۴۳۸
جهتل راء ۲۵۰، ۳۶۰
جهم بن زحر ۱۴۲، ۱۵۰، ۲۲۴، ۲۴۷، ۲۷۸، ۳۱۶، ۴۴۸، ۴۵۱، ۵۰۴، ۵۰۶
جهم بن سامة ۲۹۷
جیبن ۲۴۹
جیسینه ۱۲۸، ۱۲۹، ۱۴۰، ۱۵۶، ۱۵۷، ۲۱۰، ۲۲۵، ۲۲۶، ۲۳۳، ۳۳۶، ۲۳۸، ۲۴۵، ۲۴۹، ۲۸۰، ۲۸۱، ۲۸۳، ۲۸۶، ۲۹۱، ۲۹۴، ۲۹۶، ۲۹۸، ۳۰۱، ۳۳۰، ۳۳۶، ۳۳۹، ۳۴۲، ۳۴۶، ۴۱۴، ۴۱۹، ۴۸۳، ۴۸۵، ۵۱۳، ۵۱۷، ۵۱۸، ۵۲۰، ۵۲۲

چ

چتر، راجا ۴۷
چچ (پٹ ڈهر سینه پٹ چچ) ۹۳، ۴۱۵
چچ (پٹ ڈهر سینه پٹ ڈاهر) ۲۸۶، ۴۱۵
چچ پٹ سیلائچ (راجا) ۲۴، ۶۹، ۷۲، ۷۴، ۹۸، ۲۸۱، ۳۰۶، ۳۱۲، ۳۱۳، ۳۶۰، ۴۰۴، ۴۰۷، ۴۰۹، ۴۱۱، ۴۱۲، ۴۱۴، ۴۱۵، ۴۱۷، ۴۱۸، ۴۸۲،
چچ وڈو ۷۰
چگني ۳۳۸، ۳۴۲، ۳۶۶، ۳۶۷، ۵۳۵
چندر ۴۱، ۴۳، ۶۹، ۷۰، ۷۳، ۹۲
چندرام هاله ۲۰۸، ۲۰۹

ح

حاتم بن قتيبة ۱۰۷
حارث بن مرة ۱۰۳، ۴۳۱
حبيب بن المهلب ۵۴۰
حبيبة العظمي ۲۷۸
حبيش ۲۶۴، ۲۶۵
حجاج بن قاسم ۴۴۰
حجاج بن يوسف ۱۱۵، ۱۱۷، ۱۲۰، ۱۲۷، ۱۲۹، ۱۳۸، ۱۴۰، ۱۴۴، ۱۴۸، ۱۴۹، ۱۵۵، ۱۶۲، ۱۶۴، ۱۶۶، ۱۶۸، ۱۷۱، ۱۷۷، ۱۷۸، ۱۸۰، ۱۸۲، ۱۸۶، ۱۸۷، ۱۸۹، ۱۹۰،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١٩٦، ٢٠٢، ٢٠٦، ٢٠٧،
٢١٢، ٢١٣، ٢١٥، ٢١٨، ٢٣٥،
٢٣٧، ٢٦٧، ٢٦٩، ٢٧١
٢٨٧، ٢٨٤، ٢٨٥، ٢٨٩،
٢٩٩، ٣٠٠، ٣١٠، ٣١١
٣١٥، ٣١٧، ٣٢١، ٣٢٢،
٣٣٢، ٣٣٦، ٣٥٧، ٣٨٧، ٤٢٥،
٤٢٩، ٤٣٥، ٤٣٩، ٤٤١
٤٤٣، ٤٤٩، ٤٥١، ٤٥٥،
٤٦٣، ٤٧٦، ٤٨٠، ٤٨٤، ٤٨٥،
٤٩٠، ٤٩١، ٤٩٣، ٤٩٤، ٤٩٩،
٥٠٤، ٥٠٧، ٥٣٣، ٥٣٨،
٥٤٣، ٥٤٥، ٥٤٩، ٥٥٢
حذيفة ١٢٢
حرمازي (ذو عبدالله بن الاعور)
حسن بن محبة ٢٤٨
حسنه ٤٨٤، ٤٩٢، ٤٩٣
حسين، شيخ عرف پير پلو ٣٨٢
حسين بن ابي بكر (عين الملك وزير) ١٦، ١٨، ٣٧٧، ٣٧٨،
٥٥٥، ٥٥٧
حكم بن ابي العاص ١٥٧، ٣٧٩،
٤٢٦، ٤٦١، ٤٦٣
حكم بن ابي عقيل ٤٤٠
حكم بن ايوب ٤٤٠، ٤٤٢،
٤٥٤
حكم بن عروة ١٥٥
حكم بن عمرو التغلبي ٤٢٧، ٤٢٩
حكم بن عوانة كلبي ٢، ٣، ٥٠٣
حكم بن منذر ١٠٥، ١١٦،
٤٣٥، ٤٣٦
حكيم بن جبلة ٩٩، ١٠١، ١٠٢،
٤٢٨، ٤٢٩
حمران ٢٠٥، ٢٠٦، ٢٣٦، ٤٧٦،
٤٧٨
حمزه اصفهاني ٣٧٤، ٣٩٧، ٣، ٤
حمزه بن بيض (شاعر) ١٢١،
٤٤٦
حمل جت ٤٣٨
حميد بن وداع ١٥٤، ١٧٧،
٤٥٩، ٤٦٩
حنظلة كلابي ٣١٩
حيدر قلي ارغون ٤٠٢

خ

خالد انصاري ٣١٩
خالد بن وليد ٤٧٦، ٤٧٨
خان سورو ٤٧٩
خطيب تبريزي ٤٤٥
خريم بن عبدالملك ٣٥٨
خريم بن عمرو (سرّي) ١٣٧،
١٤٣، ١٤٤، ١٥٠، ٢٦٠،
٢٧٨، ٢٩٤، ٣٢٤، ٣٥٧،
٤٩٩، ٥٠٠

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خریم بن عروہ مدنی (صحیح: خریم بن عمرو سری) ۲۵۲، ۴۸۷، ۴۸۸
خفاجی ۴۰۵
خلیفۃ بن خیاط ۴۳۴
خوارزمی ۳۸۵

د

دارس بن ایوب ۲۶۰، ۲۷۸
داؤد بن نصر ۳۵۸
داؤدپوتہ، عمر بن محمد ۲۳۰، ۳۷۱، ۳۸۰، ۳۸۷، ۴۲۲
درواسس ۵۲۶
دروھر ۳۱۸، ۳۳۷، ۳۳۸، ۳۴۰، ۳۴۴، ۳۷۴، ۴۷۵، ۴۸۵، ۵۰۹، ۵۱۰
دلاروشی ۳۸۳
دیوراج ۲۸۸

ب

دیمس لانگ ورث ۴۳۷

ڈ

ڈاھر (راجا) ۱۳، ۲۱، ۴۰، ۷۰، ۷۳، ۷۵، ۸۶، ۸۸، ۹۱، ۹۳، ۹۷، ۱۲۳، ۱۲۶، ۱۲۸، ۱۳۰، ۱۴۰، ۱۵۱، ۱۵۲، ۱۵۵، ۱۵۶، ۱۵۸، ۱۶۵، ۱۶۷، ۱۶۸، ۱۷۶، ۱۸۱، ۱۸۳، ۱۸۴، ۱۸۶، ۱۸۸، ۱۹۱، ۱۹۲، ۱۹۴، ۱۹۶، ۲۰۲، ۲۰۶، ۲۰۸، ۲۱۰، ۲۱۱، ۲۱۷، ۲۲۲، ۲۲۵، ۲۲۸، ۲۳۰، ۲۳۸، ۲۴۱، ۲۴۷، ۲۴۹، ۲۵۲، ۲۵۶، ۲۵۹، ۲۶۱، ۲۶۶، ۲۶۸، ۲۷۴، ۲۷۸، ۲۷۹، ۲۸۱، ۲۸۲، ۲۸۴، ۲۸۶، ۲۸۸، ۲۸۹، ۲۹۸، ۲۹۹، ۳۰۱، ۳۰۴، ۳۰۶، ۳۱۲، ۳۲۶، ۳۲۷، ۳۳۰، ۳۳۱، ۳۴۲، ۳۴۵، ۳۴۶، ۳۴۸، ۳۵۳، ۳۶۰، ۳۶۳، ۳۶۶، ۴۱۸، ۴۲۱، ۴۲۳، ۴۲۵، ۴۴۳، ۴۵۵، ۴۶۰، ۴۶۳، ۴۷۰، ۴۷۳، ۴۷۶، ۴۸۳، ۴۸۷، ۴۹۰، ۴۹۴، ۴۹۷، ۴۹۸، ۵۰۰، ۵۰۲، ۵۱۴، ۵۱۷، ۵۳۳، ۵۳۶، ۵۳۷، ۵۵۳
ڈھرسینہ ۴۰، ۷۰، ۷۳، ۷۴، ۸۰، ۸۱، ۸۳، ۹۳، ۲۵۰، ۴۱۷
ڈھسیو ۶۰

ب

دیوید راس ۳۹۱

ی

دیول پت چندر ۲۸۶

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ذ

ذكوان بن علوان ١٥٠، ٢٢٤، ٢٤٦، ٢٤٨، ٢٥٢، ٢٧٠، ٢٧٨

ر

راج بن چندر ٧٣

راسل پٹ وسايو ٢٢٦، ٢٣٨، ٢٤١، ٤١٩، ٤٧٢، ٤٧٣

راسل (كنوج جو) ٧٢، ٧٣، ٤١٧

راسل (كچ جا راجا) ٤٧٤

راسل رسني ١٨٩

راشد جديدي ١١٠، ١١٢، ٤٣٧

رام (حاجب) ٢٤، ٢٧

رام سيه برهمن ٢٥٨

راورتي، ميجر ٣٨٣، ٤٠٤، ٤٢١، ٤٦٨، ٥٣٤

ربيع بن زياد ٩٨

ربيعة ١٠٨

رچرڈ برٹن ٣٨٣

ركن الدين فيروز ٣٧٨

رواح بن اسد ٣٤٦، ٣٤٧

رؤبة (شاعر) ٤٤٤، ٤٤٥

ريحان مدني ٤٩، ٤٠٧

رينيل ٣٨٣

ريو ٥٥٥

ز

زائدة بن عمير الطائي ٣٥٠

زبير بن نشيط ٤٥٠

زياد (ابن ابيه) ١٠٨، ١٠٩، ١١٢، ٤٧٧

زياد بن الحواري العنكي (ازدي) ٢٥٢، ٢٧٠، ٤٨٧، ٤٩١

زينب ٤٤٢

زيد بن عمرو ٣٦٠

س

سامب ٥٢٥، ٥٢٦

سامه بن ديوائچ ٩٨

ساميد ٣٩٧

ساهسي راء ٢٤، ٢٨، ٣١، ٣٣، ٣٧، ٣٩، ٤٣، ٤٤

ستبان ٥٧

سٹينگاس ٢٥٣

سدراج جيسنها ٤١٢

سربند ٦٠، ٦٢، ٦٥، ٢٣٤، ٤٨٥

سركوندٌ ٥٣، ٤٠٧

سريا ديو ٣٦٣

سعيد بن اسلم ١١٧، ١٢٢، ٤٢٥، ٤٨٤

سعيد، امير ٢٤٨

سعيد خذينه ٤٥٠

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سفهوي بن لام ۱۱۷-۸ ۱، ۴۲۵
سفيان بن الابرد ۱۴۳
سكندر ۸۱، ۱۸۷، ۱۹۲
سلمه ۱۱۲
سليمان بن حبيب ۴۵۶
سليمان بن حجاج ۴۴۲
سليمان بن حكم ۴۴۰
سليمان بن عبدالملك (خليفو) ۴۵۰، ۵۳۸، ۵۴۰-۵۴۷، ۵۴۹، ۵۵۲
سليمان علافي ۱۲۰
سليمان بن نبهان ۲۲۲-۲۲۳، ۳۲۳، ۵۱۳-۵۱۴
سليمان بن هذيل ازدي ۴۷۵
سنان بن سلمه ۱۰۸-۱۱۳
سنج ۲۵۱
سندر ۱۳
سوپن راء پاتيه ۷۴-۷۵
سوديو ۱۵۵
سور سينه ۳۴۳
سونهن ديوي ۲۷-۲۸، ۳۳-۳۵، ۳۹-۴۰
سياكر وزير ۱۹۸-۱۹۹، ۲۴۱، ۲۴۴، ۲۸۰، ۲۸۹، ۳۱۲-۳۱۳، ۳۸۶، ۴۹۴
سيلائج ۲۴، ۲۶، ۴۱-۴۲، ۵۶، ۳۲۸، ۴۱۵
سيهرا ۳۵۱
سيهرس بن راسل ۶۹، ۷۱، ۴۱۷
سيهرس بن ساهسي راء ۲۱، ۲۳-۲۴، ۴۳، ۴۴، ۶۶، ۴۰۶
سيهول ۴۸

ش

شامي ۲۰۱، ۲۰۸
شاهجهان بادشاهم ۴۳۸
شبيب خارجي ۴۵۳
شجاع حبشي ۲۵۸
شجاع منهيه ۴۷
شرف الملك وزير (ابوبكر) ۱۵، ۱۷، ۳۷۶، ۵۰۵
شريف خان نواب ۴۳۸
شلادتيا (سيلائج) ۴۱۵
شمني (ارمابيل جو) ۶۶
شمني بواد (وكر بهار جو) ۳۲۱
شمني بنبروكو (نيرون جو) ۱۶۵، ۱۶۶، ۱۸۷-۱۸۸
شمي پنديور (وزير) ۲۱۹، ۲۲۰
شمني چام ۱۷۶
شمني راسل رسني ۱۸۹
شمني (موج جو) ۱۶۸
شمني ميگهدنيه (نيرون جو) ۲۰۳
شوان سينگ ۳۹۵-۳۹۶

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شهاب‌الدين غوري (ذسو محمد بن سام)
شهزاد ٤١٣

ص

صابر يشكري ٣٠٠
صارم همداني ٢٩٤
صالح بن عبدالرحمان ٥٤٥، ٥٥٢–٥٥٣
صحار العبدي ٤٢٩
صعدي بن خريمه (؟) ١٥٠، ٤٥٦–٤٥٧
صعصعه ١٢١
صاب بن قاسم ٢٧٨

ط

طاكي وزير ٤٣
طاهر علي پروفيسر ٥٣٣
طاطرس بن بجر ٢٣٣
طبري ١٠٤، ١٣٧، ٣٩٧، ٤٢٦، ٤٢٨–٤٣٠، ٤٤٩، ٤٥٢، ٤٨١، ٥٠٦، ٥٠٧
طيار ٢١٢

ع

عامر بن الحارث ١٠٢
عامر بن طفيل ٤٢٧
عامر بن عبدالقيس ٤٧٧
عامر بن عبدالله ١٣٠
عبدالله شاهر ٣٨٧–٣٨٨
عبدالله علافي ١١٨
عبدالله القسري ٤٤٣–٥٤٤
عبدالله بن الاعور حرسازي ١١٦، ٤٣٥–٤٣٦
عبدالله بن سوار ١٠٤، ١٠٦–١٠٨، ١١٣، ٤٣٣–٤٣٤
عبدالله بن عامر ٩٩، ١٠٤–١٠٦، ٤٢٧، ٤٢٩، ٤٣٣
عبدالله بن عباس ٢٨٤–٢٨٥، ٤٩٣
عبدالله بن عبدالرحيم علافي ١١٨
عبدالله بن عبدالرحمان ١٠٧
عبدالله بن عمر ٩٩
عبدالله بن عمرالعرجي (شاعر)
عبدربه ١٢٩
عبدالرحمان، ابن الاشعث ٩٥، ٤٢٥، ٤٥٢–٤٥٤، ٥٣٩–٥٤٠
عبدالرحمان بن سليم ١٤٣، ٤٥١،
عبدالرحمان بن حيان ٥٤٣
عبدالرحمان بن عبدربه ١١٠، ١٣٩، ٣٢٥، ٣٤٦
عبدالرحيم ١١٨
عبدالرزاق ١١٠
عبدالعزيز بن وليد ١١٥، ٥٣٨، ٥٤٢–٥٤٥

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالعزیز الیمنی ۱۱۳، ۱۱۹، ۱۲۱ـ ۱۲۲، ۱۴۵، ۱۴۷، ۲۷۰، ۲۷۳، ۴۲۷، ۴۸۱
عبدالملک، خلیفہ ۱۱۷، ۴۲۵، ۴۵۳، ۴۷۷، ۵۳۹، ۵۴۲
عبدالملک مدنی ۲۹۴
عبدالملک بن حجاج ۴۴۲
عبدالملک بن عبداللہ ۳۲۰
عبدالملک بن قریب (الاصمعی) ۵۰۵
عبدالملک بن قیس ۱۳۹، ۱۷۶ـ ۱۷۷، ۴۵۷
عبدالملک بن مہلب ۵۵۲
عبید بن عتاب ۲۴۷
عبیداللہ بن زیاد ۱۱۴، ۱۱۶
عبیداللہ بن معمبر ۴۳۰
عبیداللہ بن نبہان ۱۲۷، ۳۷۹، ۳۸۷ـ۳۸۸
عبیدۃ ۴۹۸
عتبہ ۳۵۱
عثمان رضہ (امیرالمومنین) ۹۹، ۱۰۱، ۴۲۶ـ ۴۳۰، ۴۷۷
عثمان بـن ابی العاص ۹۷، ۳۷۹، ۴۲۶، ۴۶۱ـ ۴۶۲
عجل بن عبدالملک ۱۵۰، ۴۵۷
عدیل بن فرخ (شاعر) ۱۴۴، ۴۵۵، ۴۵۴
عطا بن مالک ۱۵۰، ۲۴۶، ۲۴۸
عطیۃ تغلبی ۲۲۳، ۲۲۹، ۴۹۸
عطیۃ بن سعد ۱۴۲، ۴۵۱
عقیل ۲۶۸
عکرمہ بن ریحان ۳۵۹
علافی ۹۵ـ۹۶، ۱۱۷، ۱۲۳ـ ۱۲۴
علافی سلیمان ۱۲۰
علافی عبداللہ ۴۱۸
علافی (ذسو محمد بن حارث)
علافی (ذسو محمد بن معاویہ)
علافی (ذسو معاویہ بن حارث)
علی رضہ (امیرالمومنین) ۱۰۰، ۱۰۲ـ ۱۰۳، ۴۲۸، ۴۳۰ـ ۴۳۱، ۴۳۴
علی بن ارجن ۳۸۹
علی بـن حامد کوفی ۱۱، ۲۹، ۳۷۲، ۳۷۶ـ ۳۷۷، ۴۵۷، ۵۰۸، ۵۵۴ـ ۵۵۷
علی بن طفیل السعدی ۴۲۷
علی بن طفیل غنوی ۹۹
علی بن عبداللہ ۲۷۸، ۴۹۳
علی بن محمد (ذسو مدائنی)
علی شیر قانع ۳۷۵، ۳۸۲، ۴۳۸، ۴۸۲، ۴۳۵

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عماد الدين (ذو محمد بن قاسم)
عمر رضه (امير المومنين) ١٦،
٩٧ـ ٩٩، ٣١٤، ٣٧٨
٤٢٥ـ٤٢٧، ٤٢٩
